www.pildat.org

پس منظري مضمون
(مسودو)

# پاڪستان ۾ پاڻي جا بين الصوبائي تڪرار

پلڊاٽ
پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈویلپمینٹ
اینڈ ٹرانسپیرینسی

www.pildat.org

پس منظري مضمون
(مسودو)

# پاڪستان ۾ پاڻي جا
# بين الصوبائي تڪرار

PILDAT is an independent, non-partisan and not-for-profit indigenous research and training institution with the mission to strengthen democracy and democratic institutions in Pakistan.

PILDAT is a registered non-profit entity under the Societies Registration Act XXI of 1860, Pakistan.

Copyright ©Pakistan Institute of Legislative Development And Transparency PILDAT

All Rights Reserved

Printed in Pakistan

First Edition Published: September 2003
**Second Updated Edition Published: January 2011**

ISBN: 978-969-558-199-5

Any part of this publication can be used or cited with a clear reference to PILDAT.

Published by

PILDAT
Pakistan Institute of Legislative Development And Transparency

Pakistan Institute of Legislative Development and Transparency - PILDAT
**Head Office**: No. 7, 9th Avenue, F-8/1, Islamabad, Pakistan
Tel: (+92-51) 111-123-345; Fax: (+92-51) 226-3078
E-mail: info@pildat.org; Web: www.pildat.org

# سِتاءُ



| سيريل نمبر | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| | اختصار ۽ مخفف | |
| | مهاڳ | |
| | مڃتا | |
| | اختصار ۽ مخفف | |
| 1 | پاڪستان ۾ بين الصوبائي تڪرارن بابت ٿيل گول ميزن ۾ شريڪ ٿيندڙ جي فهرست | 8 |
| 2 | پاڪستان ۾ پاڻي جي وسيلن جو هڪ جائزو | 9 |
| 3 | پاڪستان ۾ پاڻي جي دستيابي جي هاڻوڪي ۽ مستقبل ۾ گهرج | 9 |
| 4 | بين الصوبائي تڪرار نبيرڻ جي اهميت | 10 |
| 5 | پاڻي جي وسيلن جي تاريخي ورڇ | 10 |
| 6 | ننڍي کنڊ ۾ ورهاڱي جا اولهه پاڪستان جي پاڻي وسيلن تي اثر | 12 |
| 7 | پاڪستان ۽ هندستان ۾ 1960 ۾ ٿيل سنڌ طاس ناهه ۽ ان جا ڪجهه پاڳا | 12 |
| 8 | صوبن وچ ۾ لاڳو ٿيندڙ 1991ع وارو پاڻي ناهه | 14 |
| 9 | نين ڊيمن جي تعمير ۽ صوبن جا خدشا | 16 |
| 10 | پاڻي ناهه 1991ع جون مختلف تشريحون | 16 |
| 11 | چشمه جهلم لنڪ ڪئنال ڪيئن سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ تڪرار جو سبب آهي؟ | 18 |
| 12 | پاڻي جي وڌندڙ گهرج ۽ گهٽجندڙ دستيابي جو جائزو | 19 |
| 13 | ڪالاباغ ڊيم متعلق خيبر پختونخواهه جو مختلف موقف | 19 |
| 14 | ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌوءَ تي رٿيل ٻين ڊيمن متعلق سنڌ جو مختلف موقف | 20 |
| 15 | سنڌ ۽ بلوچستان و چ ۾ پاڻي جي ورڇ بابت تڪرار | 22 |
| 16 | پاڪستان ۾ پاڻي جي ذخيرن متعلق صوبن ۽ علائقن پاران اٿاريل ٻيا معاملا | 23 |
| 17 | ٽيلي ميٽري سرشتي جي ضرورت | 24 |
| 18 | صوبن وچ ۾ پاڻي تڪرار نبيرڻ جا آئيني رستا | 24 |
| 19 | تڪرارن کان اڳتي وڌي سوچڻ جا ڪجهه امڪاني رستا | 25 |

### ***اختصار ۽ مخفف***

| | |
|---|---|
| سي آر بي سي | چشما رائيٽ بئنڪ ڪئنال |
| سي جي | چشما جهلم |
| سي سي آءِ | ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽس (گڏيل مفادن واري ڪائونسل) |
| ڊي جي ڪي سي | ڊيرا غازي خان ڪئنال |
| جي ڊي پي | گراس ڊوميسٽڪ پراڊڪٽ (مجموعي اقتصادي ترقي) |
| جي او بي | گورنمنٽ آف بلوچستان |
| ارسا | انڊس رور سسٽم اٿارٽي |
| ڪي پي | خيبر پختونخواهه |
| ڪي ايم | ڪلوميٽر |
| ايم اي ايف | ملين ايڪڙ فٽ |
| اين ڊبليوسي | نارٿ ويسٽ ڪئنال (ڪيرٿر ڪئنال) |
| اين ڊبليو ايف پي | نارٿ ويسٽ فرنٽيئر پراونس (هاڻي خيبر پختونخواهه) |
| اسڪارپ | سيلينيٽي ڪنٽرول اينڊ ريڪليميشن پراجيڪٽ |
| ٽي پي | تونسه پنجند |
| ڊبليو اي اي | واٽر اپورشمنٽ اڪارڊ (پاڻي ٺاهه 1991) |
| واپڊا | واٽر اينڊ پاور ڊولپمنٽ اٿارٽي |
| ڊبليو سي اي پي | واٽر سيڪٽر ڪئپيسٽي بلڊنگ اينڊ ايڊوائيزري سروسز پراجيڪٽ |

## **مهاڳ**

سال 2010 جي اونهاري دوران مون سون ۾ آيل ٻوڏ جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي زيان ۽ تاريخي تباهي پاڪستان ۾ هڪ پيرو ٻيهر پاڻي جي وسيلن جي انتظام ڪاري ۽ صوبن وچ ۾ پاڻي تڪرارن جي نئين سوال کي جنم ڏنو آهي. اهڙي لاڙن مان لڳي رهيو آهي ته پاڪستان کي وقفي وقفي سان انتهائي سوڪهڙي ۽ غير معمولي مينهوڳي وارن مندن کي منهن ڏيڻو پوندو. ڏڪار واري صورتحال ڪجهه وقت تائين رهندي ۽ ڪجهه سالن کان بعد ٻوڏون اينديون ۽ ٻنهي صورتن ۾ انتهائي نقصان کي منهن ڏيڻو پوندو. هاڻي اهو سوال تمام سنجيدگي سان اٿاريو پيو وڃي ته ڇا اهڙي غير يقيني واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪي اهڙا اپاءُ وٺي سگهجن ٿا جنهن سان هر سطح تي پاڻي استعمال ڪندڙن کي لاڀ حاصل ٿئي.

جيئن ته پاڪستان ۾ پارڻ (توانائي) جي لاڳت ۽ اگهه اُڀ کي ڇُهي رهيا آهن ۽ ملڪ ۾ تاريخ جو سڀني کان وڏو بجلي جو بحران جاري آهي، پاڻي ذريعي سستي ۽ ماحولياتي طور محفوظ بجلي پيدا ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو پيو وڃي پر ان مسئلي جي حل لاءِ ڏنل رٿون تڪرارن سان ڀرپور آهن. پاڻي جا ذخيرا اڏڻ واري معاملي تي صوبن جا مختلف رايا آهن. جيئن ته سنڌوءَ ۽ ان مان نڪرندڙ ڪئنال ۽ شاخون لڳ ڀڳ سمورن صوبن لاءِ ساهه جي نالي واري حيثيت رکن ٿيون، درياهه ۾ گهٽجندڙ وهڪرن سبب، جيڪي ڪڏهن لامحدود هئا، صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ جي حوالي سان جاري ڇڪتاڻ ۾ واڌ آئي آهي. جيتوڻيڪ اها پاڪستان جي خوشقسمتي هئي جو صوبن پاڻي جي تڪرارن جي نبيري لاءِ پاڻي ٺاهه 1991ع تي صحيحون ڪيون ويون پر انهي ٺاهه جي مختلف شقن کي صوبا پنهنجي پنهنجي تشريح ڏيندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ انهن وچ ۾ تڪرارن جنم ورتو آهي.

انهي ٺاهه تي پنهنجي روح موجب عمل درآمد ڪرڻ جي غير حقيقي يا حقيقي ناڪامي سبب صوبن وچ ۾ اعتماد واري رشتي کي سخت ڇيهو رسيو آهي. پنجاب ۽ سنڌ و چ ۾ پاڻي ٺاهه 1991 ع جي مختلف شقن جي تشريح تي تڪرار موجود آهن. سنڌ، سنڌوءَ تي ڪالاباغ ڊيم سميت ٻين ڊيمن جي اڏاوت جي سختي سان مخالفت ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته اها سمجهي ٿي ته انهن ڊيمن جي اڏاوت سان درياهه مان فراهم ٿيندڙ پاڻي جي حصي مان چوري ڪئي ويندي. خيبر پختونخواهه سنڌوءَ مان پنهنجي حصو جو پورو پاڻي ڪڍڻ کان لاچار آهي ۽ ڪالاباغ ڊيم تي سندس اعتراض ان بنيادن تي آهن ته ان جي اڏاوت سان سندن صوبي جي زراعت ۽ انفراسٽرڪچر کي ڪاپاري ڌڪ رسندو. سنڌ جي پوڇڙي تي موجود بلوچستان سنڌ تي الزام مڙهيندو آهي ته سنڌ سندن حصي جو پاڻي روڪي وٺندي آهي.

جيئن جيئن وقت لنگهندو ويندو، اها اڳڪٿي ڪئي پئي وڃي ته هر عام سال (نه ڏڪار، نه ٻوڏ) دوران پاڻي جي دستيابي ۾ لاڳيتو گهٽتائي ايندي رهندي جنهن سان نه رڳو ڇئني صوبن جي اڳيئي زوال جو شڪار زراعت تي بنياد بنيل اقتصاديات تي وڏيڪ هاڃيڪار اثر پوندا پر صوبائي هم آهنگي به وڌيڪ متاثر ٿيندي. ٻين ملڪن ۾ پاڻي تڪرارن جي اڀياس ۽ تجربن مان ثابت ٿيو آهي ته جيسيتائين پاڻي استعمال ڪندڙ ماڻهن يا سندن نمائندن وچ ۾ معاملن جي وسيع تر سمجهه ۽ اتفاق نه جڙندو، مسئلن جو رڳو انتظامي، فني، عدالتي ۽ سياسي حل نتيجا نه ڏيئي سگهندو. ٻين پاران هڪ ٻئي جي موقف ۽ شڪايتن کي سمجهڻ ۽ ڇاڻ ۽ انگن اکرن تي ٻڌل ڳالهه ٻولهه ئي ملڪن ۽ صوبن وچ ۾ تڪرارن جي نبيري جو واحد رستو ثابت ٿيو آهي.

ان تناظر ۾ پلڊاٽ ڇئني صوبن جي ساک رکندڙ پاڻي ماهرن، اسيمبلي ميمبرن ۽ ميڊيا جي نمائندن و چ ۾ ڊائيلاگ جي عمل کي شروع ڪيو آهي. ان ڏس ۾ پاڪستان ۾ بين الصوبائي پاڻي تڪرارن جي عنوان هيٺ هڪ پس منظري مضمون تيار ڪيو ويو آهي. ان پس منظري مضمون جو مقصد پاڻي تڪرارن ۽ معاملن کي دستياب تفصيلن ذريعي پيش ڪجي ته جيئن پاڪستان ۾ بين الصوبائي پاڻي تڪرارن سان لاڳاپيل سمورين ڌرين کي مختصر پر بامقصد ڇاڻ فراهم ڪري سگهجي. ٻيو اهو ته جيئن هو معاملن کي اثرائتي نموني سمجهندي پاليسي اپائن ۽ ترجيحن لاءِ بهتر ۽ هر ڪنهن لاءِ قبول جوڳيون سفارشون جوڙي سگهن. هي پس منظري مضمون ان مقصد لاءِ به تيار ڪيو ويو آهي ته سياستدانن، قانون سازن ۽ ميڊيا جا نمائندا، نه سمجهه ۾ ايندڙ ڏکئي ۽ فني بين الصوبائي پاڻي تڪرارن کي تمام سادي سَوَلي نموني سمجهي سگهن ۽ هو هن مضمون کي پنهنجي علم ۾ اضافي ۽ صوبن جي موقفن کي سمجهڻ جو ذريعو بنائي سگهن. اميد آهي ته هن عمل جو حتمي مقصد ڇاٽايل تڪرارن کي جٽادار ۽ ڇاڻ تي ٻڌل ڊائيلاگ ذريعي حل ڪرڻ ۾ هڪ وک ثابت ٿيندو. هن مضمون کي دانسته طور تي ڪو حتمي هدايت يا نسخو نه بنايو ويو آهي ۽ هن ۾ ڏنل مواد کي ڌرين جي مختلف موقفن جي روشني ۾ ايمانداري سان پيش ڪيو ويو آهي.

# پس منظري مضمون

## پاڪستان ۾ پاڻي جا بين الصوبائي تڪرار

### مهاڳ

پلداٽ، نامياري پاڻي ماهر ۽ سنڌ جي اڳوڻي آبپاشي سيڪريٽري ۽ هن مضمون جي ليکڪ ادريس راجپوت جي ڪوشش ۽ خدمتن کي ساراهي ٿو. انهي سان گڏوگڏ پلداٽ انهن چئني صوبن ۽ مرڪز سان لاڳاپيل سمورن نامياري پاڻي ماهرن جو دل جي گهراين سان ٿورو مڃي ٿو، جيڪي بين الصوبائي تڪرارن جي سري هيٺ ڪوٺرايل مختلف گول ميز ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيا ۽ هن مضمون جو ڀيهر جائزو وٺڻ ۽ ان کي تيار ڪرڻ ۾ پنهنجي اهم ۽ ڪارائتي راءِ شامل ڪئي. انهن سمورن ماهرن جي فهرست ڏار صفحي تي ڏجي ٿي. مانوارو ادريس راجپوت هن مضمون جي تياري ۾ ڇاڻايل ماهرن جي راءِ کي شامل ڪرڻ ۾ انتهائي مهربان رهيو. اهو ضروري ناهي ته اهي ماهر جن سمورن گول ميز ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي، هن مضمون ۾ ڇاڻايل مواد جي هر نڪتي سان متفق به هجن پر انهن سڀني اهي سمورا بين الصوبائي تڪرار ۽ انهي سان لاڳاپيل ڌرين جي موقفن کي ان مضمون ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڀهرو ورتو. پلداٽ هن مضمون جي ايڊيٽنگ ڪندي ڪوشش ڪئي آهي ته هن کي سمورين ڌرين جو نمائندهه مضمون بنائي سگهجي.

اسان برٽش هائي ڪميشن، اسلام آباد جا به ٿورائتا آهيون جنهن بين الصوبائي پاڻي تڪرارن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيڻ ۽ انهن جي حل جي ڏس ۾ پهرين وک طور واري مقصد جي هن پراجيڪٽ ۾ پلداٽ کي سهڪار فراهم ڪيو.

اسان کي اميد آهي ته هي مضمون سمورين لاڳاپيل ڌرين ۾ چاڻ تي ٻڌل دائيلاگ کي همٿائڻ، پاڻي تڪرارن کي بهتر طريقي سان سمجهڻ ۽ آخر ۾ انهن جي حل ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

**دستبرداري**

ليکڪ، گول ميز ۾ شريڪ ٿيندڙ پاڻي ماهرن ۽ پلداٽ، هن مضمون ۾ ڇاڻايل مواد ۽ انگن اکرن جي درستگي جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. انهي جي باوجود پلداٽ رهجي ويل چاڻ ۽ ڪنهن به قسم جي غلطي جي ذميواري ڪڻڻ کان لاچار آهي، ڇاڪاڻ ته اها دانسته طور نه ڪئي ويئي هوندي. هن مضمون ۾ ڏنل مواد پلداٽ يا برٽش هائي ڪميشن اسلام آباد جي خيالن يا موقف جي عڪاسي نٿو ڪري.

اسلام آباد
جنوري، 2010ع



محمد ادريس راجپوت
سنڌ حڪومت جي آبپاشي ۽ بجلي کاتي جو اڳوڻو سيڪريٽري

محمد ادريس راجپوت 20 نومبر 1941ع تي  ڄائو. راجپوت صاحب پيشي جي لحاظ کان سول انجنيئر آهي. هن 1965ع ۾ بي اي سول جي ڊگري ڪراچي يونيورسٽي کان حاصل ڪئي. تنهن کانپوءِ هو فلبرائٽ اسڪالرشپ تي آمريڪا جي مني سوٽا يونيورسٽي ۾ 1969ع ۽ 1970ع ۾ پڙهيو. هن کي پاڻي منصوبن کي ڊيزائين، اڏڻ ۽ هلائڻ جو 40 سالن جو تجربو آهي. راجپوت صاحب کي 1987ع ۾ آبپاشي کاتي جو ايڊيشنل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. تنهن کانپوءِ 1991ع ۾ آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. 1994ع کان 1996ع تائين هن صوبائي پلاننگ کاتي ۾ چيف پلاننگ انجنيئر طور ڪم ڪيو. 1998ع ۾ هن وري سيڪريٽري آبپاشي جون ذميواريون سنڀاليون ۽ نومبر 2001ع تائين انهي پوسٽ تي رهي رٽائر ٿيو. سال  2004ع کان هن وقت تائين هو لاهور جي هڪ فرم نالي نيشنل ڊولپمينٽ ڪنسلٽنٽس ۾ ملازم آهي، جنهن کي سنڌ جي آبپاشي ۽ نڪاسي واري منصوبي جي بحالي جو ڪم مليل آهي ۽ راجپوت صاحب انهي منصوبي تي ڪنسلٽنٽس پاران پراجيڪٽ مئنيجر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. هن پاڻي بابت ڪيترن قومي ۽ بين الاقوامي سيمينار، ڪانفرنسن ۾ حصو ورتو آهي. هو سال 2008ع کان پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جي گورننگ باڊي جو ميمبر آهي.

## پاڪستان ۾ بين الصوبائي تڪرارن بابت ٽيل گول ميزن ۾ شريڪ ٿيندڙن جي فهرست

هن فهرست ۾ انهن ماهرن جا نالا شامل آهن جن ٽن گول ميز ڪانفرنسن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ هن پس منظري مضمون ۾ سهڪاري ٿيا.

1. مانوارو عبدالرازق خان ڪانسي، ارسا جو اڳوڻو چيئرمين، بلوچستان
2. مانوارو عبدالسلام خان، بلوچستان آبپاشي کاتي جو اڳوڻو سيڪريٽري ۽ ميمبر بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن، بلوچستان
3. مانوارو ابرار قاضي، سنڌ واٽر ڪميٽي جو اڳوڻو سيڪريٽري، سنڌ
4. مانوارو امجد آغا، صدر، ايسو سي ايٽڊ ڪنسلٽنگ انجنيئرز (اي سي اِي) لميٽڊ، لاهور، پنجاب
5. مانوارو آصف ايچ قاضي، اڳوڻو چيف انجنيئرنگ ايڊوائيزر، چيئرمين فلڊ ڪميشن، اڳوڻو ميمبر واپڊا، اڳوڻو چيئرمين پاڻي ورچ ڪميٽي، پنجاب
6. مانوارو ابراهيم رند، چيف انجنيئر، آبپاشي کاتو، بلوچستان
7. مانوارو اقبال سهگل، صنعتڪار ۽ واپاري شخصيت، پنجاب
8. مانوارو خالد محتدالله، اڳوڻو ميمبر واپڊا، سينيئر ايڊوائيزر، ڊائريڪٽر، انٽرنيشنل واٽر مئنيجمنٽ انسٽيٽيوٽ (اِومي)، پاڪستان، خيبر پختونخواهه
9. مانوارو چوڌري مظهر علي، اڳوڻو صلاحڪار، آبپاشي کاتو پنجاب
10. مانوارو محمد امين، ميمبر ارسا، بلوچستان
11. مانوارو محمد ادريس راجپوت، اڳوڻو سيڪريٽري آبپاشي کاتو سنڌ
12. مانوارو نصير احمد گيلاني، چيف واٽر ريسورسز، رٿابندي ڪميشن، حڪومتِ پاڪستان، اسلام آباد
13. مانوارو نصير ميمڻ، چيف ايگزيڪيٽو، ايس پي او پاڪستان، سنڌ
14. مانواري رابعه سلطان، ترجمان، پنجاب واٽر ڪائونسل، پنجاب
15. مانوارو رقيب خان، ميمبر ارسا، خيبر پختونخواهه
16. مانوارو رائو ارشاد علي خان، چيئرمين ارسا، پنجاب
17. مانوارو سردار محمد طارق، اڳوڻو ميمبر واپڊا، ريجنل چيئر، گلوبل واٽر پارٽنرشپ، ڏکڻ ايشيا، (جي ڊبليو پي - ايس اي ايس)، خيبر پختونخواهه
18. مانوارو شمس الملڪ، اڳوڻو وڏو وزير خيبر پختونخواهه، اڳوڻو چيئرمين واپڊا، خيبر پختونخواهه
19. مانواري ڊاڪٽر ضيغم حبيب، سينئر ايڊوائيزر لائيولي هوڊ، نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمنٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي)، حڪومتِ پاڪستان، اسلام آباد

## پاڪستان ۾ پاڻي جي وسيلن جو هڪ جائزو

پاڪستان جي معيشت بنيادي طور تي زراعت تي ٻڌل آهي. ان جي مجموعي اقتصادي ترقي (جي ڊي پي) جو 24 سيڪڙو حصو زراعت تي ٻڌل آهي ۽ ان جي مجموعي فردي سگهه جو 48.4 سيڪڙو به زراعت سان لاڳاپيل آهي. پاڪستان جي لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو آبادي ٻهراڙي ۾ رهي ٿي ۽ انهن جو بنيادي طور سڌي يا اڻ سڌي طريقي سان دارومدار زراعت تي آهي. پاڪستان جي 70 سيڪڙو کان مٿي برآمد به زراعت يا زرعي مصنوعات تي ٻڌل آهي. آبپاشي تي ٿيندڙ زراعت جي پيداوار جو 90 سيڪڙو خوراڪ ۽ ملڪ جي ڪپڙي جي گهرج کي پورو ڪندو آهي. ٻئراج وارن علائقن ۾ 4 ڪروڙ 25 لک ايڪڙ زمين آباد يا پوک ڪئي ويندي آهي ۽ بارشن تي، جابلو يا ڪاچي جهڙن علائقن ۾ هڪ ڪروڙ ايڪڙ زمين آباد ٿيندي آهي.

پاڻي زراعت لاءِ بنيادي گهرج آهي ۽ اهو ٽن مختلف طريقن سان حاصل ڪيو ويندو آهي. جهڙوڪ درياهه، جَرَ ۽ بارشون. پاڻي جي دستيابي جو بنيادي ذريعو سنڌوءَ آهي، جنهن ۾ ڪابل، جهلم، چناب، راوي، ستلج ۽ بياس درياهن جو پاڻي شامل ٿيندو آهي. بدقسمتي سان سنڌوءَ ۾ پوندڙ ڇاڇايل سمورا درياهه پاڪستان کان ٻاهران ايندا آهن. سال 1922-23ع کان سال 2001-02ع تائين انهن درياهن ۾ پاڻي جي ساليانو سراسري دستيابي 144 ملين ايڪڙ فٽ (ايم اي ايف) آهي. جنهن مان 139 ايم اي ايف الهندي درياهن (سنڌوءَ، جهلم ۽ چناب) ۽ 5 ايم اي ايف اڀرندي درياهن (ستلج، راوي، بياس) ذريعي حاصل ڪيا ويندا آهن. الهندي درياهن مان پاڻي جي دستيابي ۾ تمام گهڻو لاهو چاڙهو رهي ٿو. انهن درياهن مان وڌ ۾ وڌ 186 ايم اي ايف ۽ گهٽ ۾ گهٽ 97 ايم اي ايف حاصل ڪيو ويو.

بارشون پاڪستان ۾ پاڻي جي دستيابي جو ٻيو ذريعو آهن. سال 1960ع کان 2000ع دوران سراسري طور ساليانو 290.7 ملي ميٽر بارشون ريڪارڊ ڪيون ويون آهن. انهن مان ڪجهه زمينن ۽ درياهن جي نظر ٿي وينديون آهن جڏهن ته جملي طور 17 ايم اي ايف پاڻي کي ڊيمن ۽ نيئن ذريعي ذخيرو ڪري سگهجي ٿو.

جَرَ ذريعي حاصل ٿيندڙ پاڻي ٽيون وڏو ذريعو آهي. 56 ايم اي ايف پاڻي جَرَ مان حاصل ڪري سگهجي ٿو. لڳ ڀڳ 45 ايم اي ايف پاڻي سرڪاري ۽ خانگي ٽيوب ويلز ذريعي حاصل ڪيو ويندو آهي پر ڪن علائقن ۾ جَرَ جي پاڻي جي حد کان وڌيڪ استعمال يا انهي جي استحصال سبب انهي جي معيار ۾ لاڳيتو ابتري آئي آهي.

آبپاشي لائق زمين، شهرڪاري ۽ صنعتڪاري ۾ لاڳيتي اضافي سبب پاڻي جي ضرورت ۽ استعمال ۾ واڌارو اچي رهيو آهي، جڏهن ته ڊيم لٽجڻ، جَرَ جي پاڻي جي استحصال، ماحولياتي تبديلي، بارشون پوڻ جي لاڙن ۾ تبديلي، برف پگهرجڻ وغيره ۽ هندستان پاران الهندي درياهن جي پاڻي جي وڌيڪ استعمال سبب پاڪستان ۾ پاڻي جي دستيابي ۾ لاڳيتو تبديلي اچي رهي آهي. نتيجي طور اسان وٽ پاڻي جي دستيابي کي نظر ۾ رکندي، پاڻي جي حفاظت ۽ ذخيرن ۾ اضافو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## پاڪستان ۾ پاڻي جي دستيابي جي هاڻوڪي ۽ مستقبل ۾ گهرج

”پاڪستان جي قومي پاڻي جي وسيلن بابت حڪمت عملي“ جي سري هيٺ سال 2002ع ۾ تيار ڪيل اپياس موجب ملڪ ۾ پاڻي جي دستيابي ٻنيءَ جي منڍ تي 109.3 ايم اي ايف ۽ زمين جي مٿاڇري تي وهندڙ پاڻي 62.3 ايم اي ايف، جَرَ مان 42 ايم اي ايف ۽ بارشن ذريعي 5 ايم اي ايف آهي. انهي اپياس ۾ سال 2025ع تائين پاڪستان لاءِ پاڻي جي دستيابي جو اندازو 139 ايم ايف لڳائي ويو آهي. جنهن مان 75.3 ايم ايف مٿاڇري، 55.7 ايم اي ايف جَرَ ذريعي ۽ 8 ايم اي ايف بارش ذريعي حاصل ڪيو ويندو. جڏهن ته ٻنيءَ جي منڍ تي پاڻي جي گهرج جو اندازو 145 ايم اي ايف

لڳايو ويو آهي. انهي حساب سان درياهن ذريعي باقي رڳو 13 ايم اي ايف، جَرَ ذريعي 13.7 ايم اي ايف ۽ بارشن جي نتيجي ۾ 3 ايم اي ايف پاڻي حاصل ڪري سگهبو. ساڳي رپورٽ ۾ ذخيرن لاءِ پاڻي جي دستيابي هن ريت ڪئ ويئي آهي.

**(الف) ڪوٽڙي ڪان هيٺ سراسري ساليانو وهڪرا (سال 1977ع ڪان 2001ع) 35 ڪان 38 ايم اي ايف**

**(ب) ڪوٽڙي ڪان هيٺ ضرورت 10 ايم اي ايف**

**(پ) الهندي ۽ اپرندي درياهن ۾ پاڻي جو استعمال3 ڪان 5 ايم اي ايف باقي 20 ڪان 25 ايم اي ايف (ڪئنال جي منڍ تي)**

**پنيءَ جي منڍ تي پاڻي جي دستيابي 13 ڪان 15 ايم اي ايف**

**تنهن ڪري ڊيمن ۾ اضافي پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ دستيابي 20 ڪان 25 ايم اي ايف بڻجي ٿي.**

پاڻي جي دستيابي جي معاملي تي نامياري پاڻي ماهر اي اين جي عباسي جي سربراهي ۾ صدر پاڪستان پاران جوڙيل ٽيڪنيڪل ڪميٽي ۾ تفصيلي غور ڪيو ويو. اها ڪميٽي 8 ميمبرن تي ٻڌل هئي. جنهن مان هر صوبي 2 ماهر هئا ۽ انهن جو هڪ چيئرمين هو. انهي ڪميٽي جي ميمبرن وچ ۾ ملڪ ۾ پاڻي جي دستيابي جي معاملي تي اتفاق راءِ نه جڙي سگهيو. واپڊا پاران 3.95 ايم اي ايف، 7 ميمبرن پاران 32.72 ايم اي ايف، هڪ ميمبر پاران ڪاٿو 11.60 ايم اي ايف ۽ چيئرمين پاران 0.25 ايم اي ايف واڌو پاڻي جي دستيابي ظاهر ڪئي ويئي.

انهي مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪميٽي ۾ شامل پاڻي ماهرن ۾ درياهن ۾ پاڻي جي دستيابي تي اتفاق نه ٿي سگهيو هو ۽ سڀني پاران پيش ڪيل انگن اکرن ۾ گهڻو فرق هو.

## بين الصوبائي تڪرار نبيرڻ جي اهميت

ملڪ ۾ قومي سلامتي لاءِ وفاق جي يونٽن ۾ ٻڌي ۽ هم آهنگي بنيادي اهميت جو حامل آهي. ڪوبه نفاق ۽ ڦِڪَت يا اٽڪل پاڪستان جي جياپي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. جڏهن ته صوبن وچ ۾ پاڻي معاملي تي تڪرار هر پيري ڪَرَ کڻندا رهن ٿا. سال 2010ع دوران سنڌ ۽ پنجاب پڻ موقعن تي پاڻي تڪرار تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي بيٺا ۽ معاملو وزيراعظم کي اماڻيو ويو.

پنهي صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ متعلق اهو تڪرار پاڻي جي کوٽ وارن ڏينهن دوران هو. جيتوڻيڪ معاملي کي في الوقتي طور حل ڪيو ويو آهي پر اهو ڪنهن مهل به ڀيهر اٿلي سگهي ٿو جنهن سان قومي سلامتي کي به خطرو ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته بين الصوبائي پاڻي تڪرارن کي حل ڪرڻ جي انتهائي ضرورت آهي.

صوبن وچ ۾ پاڻي معاملي تي اهڙي قسم جو تڪرار ۽ غير هم آهنگي، ملڪي درياهن مٿان ڊيم يا پاڻي جا ٻيا ذخيرا ۽ پاڻي ذريعي بجلي پيدا ڪندڙ رٿائن جي اڏاوت ۾ ترقي آڏو رڪاوٽ بنيل آهي.

## پاڻي جي وسيلن جي تاريخي ورڇ

سنڌوءِ جي پاڻي کي گذريل ڪيترن ئي صدين ڪان آبپاشي مقصدن خاطر استعمال ڪيو پيو وڃي. شروعاتي طور درياهه

مان واهن جو هڪ قدرتي سرشتو موجود هو پر انهن تي باقاعدي ضابطو آڻي يا درياهه جي پاڻي کي روڪي ان کي آبپاشي لاءِ ڪتب نه آندو ويندو هو. نتيجي طور انهن قدرتي واهن ذريعي آبپاشي جو استعمال درياهه جي چاڙهه تي ٻڌل هوندو هو. انهن ڪئنالن کي Inundation Canals ، ٻوڏ ڪئنال يا چَرَ وارا ڪئنال چيو ويندو هو.

19 هين صدي جي وچ ڌاري قدرت جي انهي سرشتي تي ضابطو آندو ويو ته جيئن رڳو درياهه جي چاڙهه تي پاڙڻ بدران انهي تي ضابطو آڻي استعمال ڪري سگهجي. انهي مقصد جي حاصلات لاءِ درياهه مٿان هيڊ ورڪس يا بئراج وغيره تعمير ڪيا ويا جنهن سان پاڻي جي لاڳيتو دستيابي کي يقيني بنايو ويو. آبپاشي انجنيئرنگ جي بنياد تي پهريون پيرو اهڙا اسٽرڪچر يا هيڊ ورڪس وغيره مرڪزي درياهه بدران انهن ۾ پوندڙ




| AREA | Presently Irrigated Areas | Ongoing Schem |
|---|---|---|
| Sindh | 6.5 MA | 1.0 MA |
| Punjab | 33.4 MA | 1.5 MA |
| NWFP | 2.3 MA | 0.5 MA |
| Balochistan | 2.2 MA | 0.8 MA |
| TOTAL | 44.4 MA | 3.8 MA |

مددي درياهن يا ندين مٿان تعمير ڪيا ويا. اهڙي قسم جو پهريون اسٽرڪچر پنجاب ۾ راوي درياهه مٿان ٺاهيو ويو، جنهن سال 1859ع ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ان هيڊ ورڪس جي نتيجي ۾ اپر باري دوآب ڪئنال کي پاڻي جي فراهمي ڪي يقيني بنايو ويو. ان ڪان پوءِ پنجاب ۾ سال 1882ع ڪان 1901ع تائين مختلف مددي درياهن مٿان هيڊ ورڪس جي تعمير جو سلسلو شروع ٿي ويو.

سال 1935ع تائين به وڏيون آبپاشي رٿائون، سنڌوءَ مٿان سکر بئراج ۽ ستلج ۾ ستلج ويلي رٿائون مڪمل ڪري ڪم شروع ڪري ڏنو. آبپاشي جي اسٽرڪچرز سان گڏوگڏ پاڻي تي تڪرارن ڪَرَ ڪنيو ۽ خطي جي مختلف رياستن جهڙوڪ بيڪانير، بهاولپور ۽ پنجاب وچ ۾ اٽڪٽ شروع ٿي ويئي. خيرپور رياست پڻ ساڳي وقت تي ربيع جي مند دوران اضافي پاڻي جي فراهمي جي گهر ڪرڻ شروع ڪري ڏني. انهن تڪرارن کي حل ڪرڻ لاءِ هندستان جي حڪومت پهريون ڪميشن جوڙيو جنهن جو نالو اينڊرسن ڪميشن هو.

اينڊرسن انهي تڪرار جي نبيري لاءِ سال 1937ع ۾ اتفاق راءِ سان هڪ رپورٽ پڌري ڪئي. انهي ڪان بعد سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ تڪرار جي نتيجي ۾ هڪ ٻيو ڪميشن جوڙيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ سال 1945ع ۾ ٻنهي صوبن جي چيف انجنيئرز وچ ۾ هڪ ٺاهه ٿيو پر پنجاب حڪومت مالي معاملا طئي نه ٿيڻ سبب انهي جي توثيق نه ڪئي. سال 1947ع دوران پاڪستان جي قائم ٿيڻ بعد 1948ع ۾ هندستان پنهنجي ماڌوپور ۽ فيروزپور هيڊورڪس ذريعي پاڪستان کي پاڻي جي فراهمي روڪي ڇڏي. هڪ ڊگهي مدي تائين تڪرار جاري رهڻ بعد عالمي بئنڪ جي سهڪار سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ سال 1960ع ۾ سنڌ طاس معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون. پاڪستان، هندستان ۽ عالمي بئنڪ وچ ۾ ٿيل انهي معاهدي جي نتيجي ۾ ستلج، راوي ۽ بياس درياهن کي رڳو هندستان جي آبپاشي ضرورتن لاءِ مختص ڪندي هندستان کي انهي جو مالڪ قرار ڏنو ويو. مئي 1968ع ۾ اختر حسين ڪميٽي جي نالي Water Allocation and Rates Committee تڏهوڪي اولهه پاڪستان حڪومت (اڄوڪي پاڪستان) پاران جوڙي ويئي. سال 1970ع ۾ ون يونٽ جي خاتمي ڪانپوءِ صوبن وچ ۾ پاڻي تي تڪرار ختم نه ٿي سگهيو ۽ حڪومت آڪٽوبر 1970ع ۾ فضل اڪبر ڪميشن جوڙيو پر هي ڪميشن به اتفاق راءِ سان رپورٽ نه

جوڙي سگهيو. سال 1977ع ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس، جسٽس حليم جي سربراهي ۾ هڪ عدالتي ڪميشن جوڙيو ويو، جنهن کي حليم ڪميشن به چيو ويندو آهي. هي ڪيمشن به ڪا گڏيل يا ميمبرن جي اتفاق راءِ تي ٻڌل رپورٽ نه ڏيئي سگهيو. سال 1990ع تائين ٻنهي صوبن وچ ۾ هڪ وقتي يا ايڊهاڪ حل طور پاڻي جي ورڇ ڪئ ويندي رهي.

## نندي ڪنڊ ۾ ورهاڱي جا اولهه پاڪستان جي پاڻي وسيلن تي اثر

ورهاڱي وقت سنڌوءَ طاس وارو علائقو ڪيترن ئي صوبن ۽ آزاد رياستن تي ٻڌل هوندو هو. انهي ۾ بلوچستان جا ڪجهه حصا، ورهاڱي کان اڳ وارا صوبا جهڙوڪ سنڌ، پنجاب، اين ڊبليو ايف پي جيڪو هاڻي خيبر پختونخواهه آهي ۽ خيرپور، بهاولپور ۽ ڄمون ۽ ڪشمير جون رياستون ۽ اڳوڻي گڏيل پنجاب جا جابلو علائقا شامل آهن. افغانستان ۽ چين جي به ڪجهه علائقن کي سنڌوءَ طاس ۾ شامل ڪيو ويجي ٿو.

آبپاشي سرشتي جيان سموري هندستان ۽ پاڪستان ۾ ساموندي رستا، ريلوي، روڊ رستا ۽ ٻيا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل رستا موجود هئا جن جي نبيري لاءِ انگريز سرڪار پارٽيشن ڪميشن ۽ هڪ ٽياڪڙي ٽريبيونل قائم ڪري ڇڏيو. ڪميٽي ۽ ٽريبيونل کي 31 مارچ 1948ع تائين جو وقت ڏنو ويو ته هو سمورا اهڙا تڪرار حل ڪرڻ لاءِ رٿون پيش ڪري. اميد پئي ڪئي ويئي ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ سمورا تڪرار حل ڪيا ويندا.

جڏهن انگريزن نندي ڪنڊ کي ڇڏيو، ٻنهي پنجابن جي ترقي وترايل آبپاشي سرشتي وچ ۾ هڪ ورڇ واري لائين ڪڍي ويئي. معاملي تي بائونڊري ڪميشن جي چيئرمين سر سيرل ريڊڪلف پنهنجن لفظن کي ڪجهه هن ريت بيان ڪيو هو ته

*”مان سمجهان ٿو ته مان اهو وڏي يقين سان چئي سگهان ٿو ته انهن ڪئنالن يا ٻين وسيلن مان پاڻي جي ورڇ جي جنهن به معاهدي تي پهتو ويندو، ٻئي حڪومتون لاڳاپيل هيڊ ورڪس جي ڪمانڊ ايريا بابت انهي ناهه جي پاسداري ڪنديون.“*

جيئن ئي ٽريبيونل جي ڪم ڪرڻ وارو مدو ختم ٿيو، هندستان جي حڪومت پهرين اپريل 1948ع کان پاڪستان کي سمورن ڪئنالن مان پاڻي جي فراهمي روڪي ڇڏي. 4 مئي 1948ع تي ٻنهي ملڪن پاران جاري ٿيندڙ هڪ گڏيل بيان بعد هندستان پاڪستان کي سمورن نه پر ڪجهه ڪئنالن مان پاڻي جي فراهمي شروع ڪري ڇڏي.

ان بعد ٻنهي ملڪن جي نمائندن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جو سلسلو جاري رهيو ۽ ڪجهه ڏکيئن ڳڻتين ۽ بحث مباحثي بعد به تڪرار جو جٽادار نبيرو نه ٿي سگهيو. آخر ڪار، عالمي بئنڪ جي ڪوشش ۽ سهڪار جي نتيجي ۾ تڪرار جو نبيرو ممڪن بڻيو ۽ 19 سيپٽيمبر 1960ع تي پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ ڪراچي ۾ سنڌ طاس معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون. هن معاهدي تحت 33 ملين ايڪڙ فٽ واري ساليانې سراسري وهڪري وارن ٽن اوڀر وارن درياهن کي هندستان جي ملڪيت قرار ڏنو ويو، جڏهن ته باقي ٽن درياهن جهڙوڪ سنڌوءَ، جهلم ۽ چناب تي هندستان جي جزوي حق کي مڃيندي اهي پاڪستان جي حوالي ڪيا ويا.

## پاڪستان ۽ هندستان ۾ 1960ع ۾ ٿيل سنڌ طاس ناهه ۽ ان جا مونجهارا

سنڌ طاس معاهدي تحت طئي ٿيل ڪجهه اهم نڪتن کي هيٺ ڏجي ٿو.

ٽن اوڀر وارن درياهن جهڙوڪ ستلج، راوي ۽ بياس رڳو هندستان جي بنا رنڊڪ استعمال لاءِ هوندا.

ساڳي طريقي سان ٽن اولهه وارن درياهن جهڙوڪ سنڌوءَ، چناب ۽ جهلم کي پاڪستان جي حوالي ڪيو ويو پر انهن جي پاڻي جو ڪجهه حصو هندستان جي خاص استعمال لاءِ به ڇڏيو ويو.

معاهدي بعد 31 مارچ 1970ع تائين ختم ٿيندڙ 10 سالن تائين هندستان پاڪستان کي اوڀر وارين درياهن ذريعي اڳي کان طئي ٿيل پاڻي جو ڪجهه حصو فراهم ڪندو رهندو. انهي مدي جي ختم ٿيڻ بعد پاڪستان جو اوڀر وارين درياهن تي ڪوبه حق نه هوندو پر ان مدي




**Schematic Diagram**
Indus Basin Irrigation System (IBIS)

۾ ڏنبد ادا ڪري رڳو وڌيڪ ٽن سالن تائين واڌ ڪري سگهبي.

پاڪستان پنهنجي اولهندي درياهن ۽ پنهنجي حدن ۾ انهن ڪئنالن يا درياهن جتان 15 آگسٽ 1947ع کان هندستان کان پاڻي جي فراهمي حاصل ڪندو هو، Replacement Works يا بئراج، هيڊورڪس يا ڊيم وغيره تعمير ڪري سگهندو.

هندستان پاڪستان کي انهن اسٽرڪچرز جي تعمير جي ڏس ۾ 6 ڪروڙ 20 لک پائونڊ ادا ڪندو.

پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ درياهن جي پاڻي جي وهڪرن ۽ استعمال بابت انگ اکرن جي لاڳيتو بنيادن تي هڪ ٻئي سان ڏي وٺ ڪئي ويندي.

سنڌ طاس معاهدي جي تناظر ۾ ٻئي ملڪ انڊس واٽر ڪميشن جوڙيندا ۽ ان لاءِ آبپاشي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ چيف انجنيئر سطح جي آفيسر کي ڪمشنر طور مقرر ڪندا. ٻنهي ملڪن پاران مقرر ڪيل ڪمشنرز سنڌ طاس معاهدي متعلق آڏو ايندڙ تڪرارن ۽ عملدرآمد بابت معاملن کي ڏسندا. ٻئي ڪمشنرز مستقل انڊس ڪميشن جوڙيندا.

ڪميشن پاران ٻنهي ملڪن وچ ۾ پيدا ٿيندڙ تڪرار يا مسئلن کي ڪميشن گڏيل طور پاڻ ۾ ويهي حل ڪندي يا اڻ ڌرئي ماهر ذريعي حل ڪيو ويندو يا پوءِ انڊس ڪميشن پاران طئي ڪيل طريقي سان تڪرارن ۽ مسئلن جو حل ڳولهيو ويندو.

سنڌ طاس معاهدو ڪرڻ سان گڏوگڏ، هڪ انڊس بيسن فنڊ اگريمينٽ به عمل ۾ آندو ويو جنهن سان ٻن ڊيمن، 8 ڪئنالن ۽ 6 بئراجن جو نيٽ ورڪ تعمير ڪيو ويو.

انيڪ ماهر محسوس ڪن ٿا ته سنڌ طاس معاهدو انصاف تي ٻڌل نه هو. دنيا ۾ ٿيندڙ معاهدن ۾ ڏنو ويو آهي ته پاڻي جي فراهمي جي ورڇ ڪئي ويندي آهي پر هن معاهدي تحت درياهن جي ورڇ ڪئي وئي ۽ ٽن درياهن جو مڪمل ڪنٽرول هندستان حوالي ڪيو ويو ۽ جيڪي ٽي درياهه پاڪستان کي ڏنا ويا انهن تي به هندستان جي علائقن جا ڪجهه حق مڃيا ويا. انهن حقن ۾ پيئڻ جي پاڻي، نه کپائيندڙ پاڻي جو استعمال، آبپاشي ۽ پن بجلي رٿائون اڏڻ جي اجازت شامل آهي. اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته هندستان کي وهندڙ پاڻي ڏنو ويو، جڏهن ته پاڪستان کي اڏيل ذخيرن تي وڌو ويو، جن جي حياتي ٿوري ٿئي ٿي ۽ انهن کي ٻيهر اڏڻ تي پاڪستان تي مالي وزن پوندو.

## صوبن وچ ۾ لاڳو ٿيندڙ 1991 وارو پاڻي ٺاهه

سال 1991ع ۾ تڏهوڪي وزيراعظم نوازشريف جي ڪوشش سان 16 مارچ 1991ع تي چئني صوبن وچ ۾ اتفاق راءِ سان Water Apportionment Accord (WAA) تي صحيحون ڪيون ويون. ان معاهدي جي 21 مارچ 1991ع تي گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) پاران توثيق ڪئي وئي. اڳتي هلي ”ڏهن ڏينهن جي بنياد تي پاڻي واري ورڇ“ کي سي سي آءِ پاران 16 سيپٽيمبر 1991ع تي پاڻي ٺاهه ۾ شامل ڪيو ويو. پاڻي ٺاهه 1991ع، 11 صفحن تي ٻڌل هڪ دستاويز آهي. جنهن ۾ 3 صفحن تي ٺاهه جون مختلف شقون ۽ باقي 8 صفحن تي (هر صوبي لاءِ 2 صفحا) ”ڏهن ڏينهن جي بنياد تي پاڻي واري ورڇ“ بابت جدول ڏنل آهن. پاڻي ٺاهه جي اهم شقن ۾ 2، 4، 6، 7، 13، 14 اي ۽ 14 بي شامل آهن. انهن شقن کي سمجهڻ لاءِ ٻيهر ترتيب ڏيئي هيٺ ڏجي ٿو.

### شق 2

ٺاهه تحت پاڻي جي ورڇ جي بنيادي اصولن کي نظر ۾ رکندي صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ هيٺين ريت ڪئي وئي.

### شق 4

ٻوڏ دوران پاڻي جي فراهمي ۽ مستقبل ۾ جڙندڙ ڊيمن سميت صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ هيٺ ڏنل فارمولي تحت ڪئي ويندي.

### شق 6

صوبن وچ ۾ پاڻي جا ذخيرا اڏڻ تي اتفاق ڪندي مستقبل ۾ زرعي ترقي لاءِ سنڌوءَ ۽ ٻين درياهن مٿان جتي ممڪن ٿي سگهي، ڊيم جي تعمير جي ضرورت کي تسليم ڪيو ويو.

**شق 7**

ڪوٽڙي بئراج هيٺيان گهٽ ۾ گهٽ پاڻي وهڪرن جي چوڙ جي گهرج کي تسليم ڪيو ويو ته جيئن سامونڊي چاڙهه کي روڪي سگهجي. سنڌ جو موقف هو ته سمنڊ کي چڙهڻ کان روڪڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 10 ايم اي ايف پاڻي ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سمنڊ ڏانهن ڇوڙ ڪرڻ گهرجي. ان معاملي تي تفصيل سان ويچاريو ويو. ٻين پاران ڪيل اپياس ۾ گهٽ ۾ ڪِن ۾ وڌيڪ پاڻي وهڪرن جي سفارش ڪئي ويئي. ان بعد طئي ڪيو ويو ته ڪوٽڙي بئراج کان هيٺيان وهڪرن جي تعين جي لاءِ وڌيڪ اپياس ڪرايا ويندا.

**شق 13**

ان پاڻي ٺاهه تي عمل درآمد لاءِ انڊس رور سسٽم اٿارٽي (ارسا) جي قائم ڪرڻ جي ضرورت کي مڃيو ۽ قبول ڪيو ويو. اهو پڻ طئي ڪيو ويو ته ارسا جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ هوندو ۽ ان ۾ هر صوبي کي برابر نمائندگي ڏني ويندي. (ارسا جو هيڊ ڪوارٽر هاڻي اسلام آباد ۾ آهي.)

**شق 14**

(اي) صوبن وچ ۾ پاڻي جي حصي جي ورڇ کي هڪ ڌار سرشتي تحت ”ڏهن ڏينهن جي بنياد تي پاڻي واري ورڇ“ جي اصول تحت جوڙيو ويندو ۽ ان کي پاڻي ٺاهه 1991ع جو حصو بنايو ويندو.

(بي) پاڻي جي حصي جي مستقبل ضابطي لاءِ سال 1977ع کان 1982ع کان مدي دوران صوبن وچ ۾ ورڇ ٽينڊڙ پاڻي جي سراسري حصي کي رهنما اصول طور بنياد بنايو ويندو. ڏهن ڏينهن واري پاڻي جي استعمال جي مقدار جو اندازو هر مند ۾ ڌنل مختلف ڪئنالن جي سرشتي لاءِ مختص پاڻي تحت لڳايو ويندو ۽ انهي ئي بنياد تي صوبن وچ ۾ پاڻي جي اضافي ۽ کوٽ جو تعين ڪيو ويندو.

(ڊي) صوبا پنهنجي مختص حصي کي لاڳاپيل آبپاشي سرشتي جي ضرورتن ۽ مدي جي حساب سان تبديلي آڻڻ ۾ خود مختيار هوندا.

(اِي) پاڻي جي زيان کي روڪڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئ ويندي. ڪنهن صوبي جو ناقابل استعمال يا اضافي پاڻي ٻيو صوبو استعمال ڪري سگهندو پر اهڙي پاڻي جي استعمال تي سنڌس مستقل حق تسليم نه ڪيو ويندو.

**(پاڻي جي ورڇ ايم ايم ايف ۾)**

| صوبا | خريف | ربيع | جملي |
|---|---|---|---|
| پنجاب | 37.07 | 18.87 | 55.94 |
| سنڌ * | 33.94 | 14.82 | 48.76 |
| خيبر پختونخواهه | 3.48 | 2.30 | 5.78 |
| سِول ڪئنال ** | 1.80 | 1.20 | 3.00 |
| بلوچستان | 2.85 | 1.02 | 3.87 |
| | 77.34 | 37.01 | 114.35 |
| | 1.80 | 1.20 | 3.00 |

*پاڻي جي حصي ۾ ڪراچي شهر جو شهري ۽ صنعتي استعمال به شامل آهي.
**رم اسٽيشن مٿان سول ڪئنالز جي حصي جو پاڻي به شامل آهي

## انڊس رور سسٽم اٿارٽي (ارسا)

پاڻي ٺاهه 1991ع جي شق 13 تحت 10 ڊسمبر 1992ع تي انڊس رور سسٽم اٿارٽي (ارسا) جو قيام پارليمينٽ ذريعي قانونسازي ڪندي عمل ۾ آندو ويو. ارسا جو مقصد پاڪستان ۾ سنڌوءَ طاس جي پاڻي ڪي پاڻي ٺاهه 1991ع تحت صوبن وچ ۾ ورڇ تي ضابطو آڻڻ ۽ انهي جي نگراني ڪرڻ آهي.

ارسا 5 ميمبرن تي ٻڌل هوندي جنهن ۾ چار صوبا ۽ مرڪز جا آبپاشي ڪاتي سان لاڳاپيل اڳوڻن عملدارن ۽ ماهرن کي مقرر ڪيو ويندو. اداري جو چيئرمين انهن پنجن ئي ميمبرن مان واري واري سان هڪ سال لاءِ مقرر ڪيو ويندو. هر ميمبر جي مقرري جو مدو ٽي سال هوندو. چيئرمين واپڊا ۽ مرڪزي حڪومت جو چيف انجنيئرنگ ايڊوائيز پاڻ يا سندن پاران نامزد ڪيل نمائندو ارسا جا عهدي جي لحاظ ڪان ميمبر هوندا. انهن ميمبرن کي ارسا جي فيصلي سازي واري عمل ۾ ووٽ ڏيڻ جو اختيار نه هوندو. ارسا ٺاهه تي عمل درآمد جي حوالي سان اٿاريل ڪنهن به سوال کي ميمبرن ۾ ووٽنگ ڪرائي اٿارٽي (ارسا) پاڻ حل ڪندي. ووٽ برابر اچڻ جي صورت ۾ چيئرمين کي ويٽو پاور جو اختيار هوندو.

واپڊا يا ڪابه صوبائي حڪومت جيڪڏهن ارسا جي ڪنهن به فيصلي مان مطمئن نه هوندي ته اهڙي مسئلي جي حل لاءِ گڏيل قومن جي مفادن واري ڪائونسل ڏانهن ريفرنس اماڻي رابطو ڪري سگهجي ٿو.

## نون ڊيمن جي تعمير ۽ صوبن جا خدشا

پاڪستان ۾ ٽي وڏا ڊيم تعمير ٿيل آهن. انهن ۾ تربيلا، منگلا ۽ چشمه ڊيمن جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گڏيل استعداد 15.73 ايم اي ايف آهي. سال 2010ع تائين انهن ڊيمن جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش لٽجي وڃڻ سبب گهٽجي 11.47 ايم اي ايف رهجي ويئي آهي ۽ خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته اها سال 2020ع تائين وڌيڪ گهٽجي 10.70 ايم اي ايف رهجي ويندي.

پاڪستان ۾ وڌندڙ آبادي جي ضرورتن کي سامهون رکندي ۽ موجوده ڊيمن جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش ۾ لاڳيتو گهٽتائي اچڻ سبب پاڪستان ۾ نوان ڊيم اڏڻ جي ضرورت آهي. ديامير باشا ڊيم جي تعمير جي 17 جنوري 2006ع تي اعلان ٿيڻ باوجود ان جي تعمير وارو ڪم اجا انتهائي شروعاتي مرحلن ۾ آهي ۽ ان تي ڪا اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي.

پنجاب جو موقف آهي ته ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو وڃي، جڏهن ته باقي ٽن صوبن کي انهي تي اعتراض آهن. سنڌ جو موقف آهي ته ڪالاباغ ڊيم ذريعي ڪئنال ڪڍي ان مان پاڻي حاصل ڪيو ويندو. خيبر پختونخواهه جو چوڻ آهي ته صوبي جي نوشهري ضلعي تي ان جا هاڃيڪار اثر پوندا ۽ علائقي ۾ سِمَ ۽ ڪَلرَ وڌي ويندو.

## پاڻي ٺاهه 1991ع جون مختلف تشريحون

جيئن ته مٿي بيان ڪيل آهي، پاڻي ٺاهه 1991ع هڪ ٽن صفحن تي ٻڌل دستاويز آهي جنهن ۾ صوبن وچ ۾ ڏهن ڏينهن جي بنياد تي ٿيل پاڻي جي ورڇ 8 صفحن تي مشتمل آهي. سنڌ جي تشريح موجب صوبن وچ ۾ سندن حصي موجب پاڻي جي ورڇ ڏنل 10 ڏينهن جي حساب سان ڪئي وڃي ۽ پاڻي ڪوٽ جي صورت ۾ هر صوبو ڪوٽ جي شرح موجب گهٽ پاڻي ڪٽي.

جڏهن ته پنجاب ان موقف جي ان بنياد تي مخالفت ڪري ٿو ته پاڻي ٺاهه جون سمورين شقن کي گڏيل طور پڙهيو وڃي ۽ ان تي عمل درآمد ڪيو وڃي ۽ هڪ يا سمورين شقن جي ڌار ڌار تشريح نٿي ڪري سگهجي ۽ نه ئي ان تي ڌار ڌار عمل درآمد به ڪري سگهجي ٿو.

| پنجاب | سنڌ | | خيبر پختونخواهه | بلوچستان |
|---|---|---|---|---|
| 37 سيڪڙو | 37 | سيڪڙو | 14 سيڪڙو | 12 سيڪڙو |

پنجاب جو اهو پڻ چوڻ آهي ته پاڻي ٺاهه 1991ع تي صحيحون ڪرڻ مهل اهو زباني طور طئي ڪيو ويو هو ته ان ٺاهه ته عمل درآمد تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن ڪالاباغ ڊيم تعمير ڪيو ويندو. جيئن ته ڪالاباغ ڊيم تعمير نه ٿي سگهيو آهي، پاڻي ٺاهه تي صوبن جي مختص ڪيل حصي موجب عمل درآمد ممڪن نه آهي.

پنجاب جو اهو پڻ چوڻ آهي ته درياهن ۾ گهٽ پاڻي يا پاڻي جي ڪوٽ سبب انهن کي پاڻي ٺاهه کان اڳ حاصل ٿيندڙ پاڻي کان به گهٽتائي اچي وڃي ٿي. تنهن ڪري جيسيتائين ڊيم تعمير نٿا ٿين، پاڻي ٺاهه تي عمل درآمد ڪرائڻ ناممڪن آهي. مَئي 1994ع دوران جڏهن غلام مصطفي ڪر پاڻي ۽ بجلي جو وفاقي وزير هو ، هڪ وزارتي گڏجاڻي ذريعي فيصلو ڪيو ويو ته صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ تاريخي حصي جي بنياد تي ڪئي ويندي. ٻي لفظن ۾ تربيلا ڊيم جي تعمير بعد سال 1976ع کان 1981ع تائين ٿيندڙ پاڻي جي ورڇ تي عمل ڪيو ويندو. هن معاملي تي پيدا ٿيل تڪرار ۽ وزارتي گڏجاڻي واري فيصلي کي قانون جي وفاقي وزارت کي تشريح ڪرڻ لاءِ اماڻيو ويو. جنهن وزارتي گڏجاڻي ۾ ٿيل انهي فيصلي کي پاڻي ٺاهه 1991ع جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو. قانون واري وزارت جو 6 آڪٽوبر 2000ع ۾ پنهنجي فيصلي کي هڪ خط جي پيرا 2 ۾ ڪجهه هن ريت بيان ڪيو.

”پاڻي ٺاهه 1991ع جي شق 14 جي سادي تشريح موجب ڏهن ڏينهن واري پاڻي جي ورڇ وارو استعمال ٺاهه جو بنيادي حصو آهي ۽ پاڻي جي دستياب مقدار موجب ڪوٽ ۾ پائيوار ٿيڻو آهي. پاڻي جي ڪوٽ جي تاريخي حصي موجب پائيواري، پاڻي ٺاهه 1991ع جي ڀڃڪڙي قرار ڏني ويندي. ٻيو اهو ته ٺاهه جي شق 13 موجب ارسا، ٺاهه تي عمل درآمد ڪرڻ جو ذميوار آهي. ساڳي طرح پاڻي جي معاملن متعلق ڪنهن به قسم جو تڪرار آئين موجب گڏيل مفادن واري ڪائونسل کي اماڻي سگهجي ٿو. تنهن ڪري اهڙي قسم جو ڪوبه فورم، بادي يا ڪميٽي جيڪا ان معاملي تي ڪا تشريح ڪري ٿي يا فيصلو ڪري ٿي، ان کي نه رڳو پاڻي ٺاهه جي خلاف سمجهيو ويندو پر آئين جي ڀڃڪڙي به قرار ڏنو ويندو. جيئن ته پاڻي معاملي تي تڪرار ڪي ڪنهن به متاثر ڌر پاران گڏيل مفادن واري ڪائونسل ڏانهن ناهي اماڻيو ويو تنهن ڪري ارسا جي مروج فيصلي کي سي سي آءِ جي جڙڻ ۽ فيصلي تائين جاري رکي سگهجي ٿو.“

قانون واري وفاقي وزارت 25 اپريل 2009ع تي پنهنجو موقف ڪجهه هن ريت بيان ڪيو ته -

”هن وزارت جي 16 آڪٽوبر 2000ع جي موقف ۾ چيف ايگزيڪيٽو سيڪريٽريٽ جي 25 آڪٽوبر 2000ع واري هدايت ڪي قانون واري وزير آڏو رکيو ويو. وزير 16 آڪٽوبر 2000ع واري هن وزارت جي پيرا 2 متعلق صلاح جي ٻيهر منظوري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ قانون واري وزارت پاران 16 فيبروري 2001ع تي ٻيهر نظر ثاني ٿيل نوٽ اماڻيو ويو. جنهن جو متن هن ريت آهي ته ”مٿي ڏنل هدايتن جي تناظر ۾ سنڌوءَ جي پاڻي جي 1994ع واري وزارتي گڏجاڻي جي فيصلي کي مڪمل طور رد ڪجي ٿو ۽ پاڻي ٺاهه 1991ع کي ان جي روح موجب عمل درآمد ڪرڻ گهرجي. ان ڏس ۾ وزارت جي 16 آڪٽوبر 2000ع تي پيش ڪيل موقف ۾ ساڳي ريت پيرا 2 کي ٻيهر جاري ڪجي ٿو.“

سنڌ پاران معاملي تي لاڳيتو شڪايتن بعد ارسا پاران سال 2003ع ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ ٽه رخي فارمولا موجب ڪئي ويندي. ڄاڻايل ٽه رخي فارمولا هن ريت آهي -

(الف) پاڻي جي 105 ايم اي ايف تائين دستيابي

(ب) پاڻي جي 105 ايم اي ايف کان 117 ايم اي ايف تائين دستيابي

(پ) پاڻي جي 117 ايم اي ايف کان مٿي تائين دستيابي

*(حوالو - ضميمو ايف، نيشنل واٽر ريسورسز ڊيولپمنٽ پروگرام ، واپڊا، ڊسمبر 1994ع)*

ارسا اهو پڻ فيصلو ڪيو ته خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان ڪي پاڻي جي هر قسم جي ڪوٽ ڪان آجو قرار ڏنو ويندو.

سنڌ محسوس ڪري ٿي ته پاڻي ٺاهه 1991ع ۾ ڪنهن به صوبي ڪي پاڻي جي ڪوٽ ڪان آجو ڪرڻ جي گنجائش موجود نه آهي. مٿي ڏنل پاڻي جي ورڇ واري فامورلي جي تشريح سان سنڌ جي حصي ۾ گهٽتائي اچي ٿي، جنهن سبب هو ان تي اعتراض واري ٿو.

بلوچستان جو مختلف موقف آهي. سندس چوڻ آهي ته انهي ڪي ڪوٽ ڪان آجو ڪرڻ باوجود صوبي ۾ پاڻي جو زيان سنڌ ۽ بلوچستان جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي. صوبي ڪي رم اسٽيشن (صوبي ڪي پاڻي جي فراهمي وارو هنڌ) تي پاڻي جي فراهمي بعد ربيع مند ۾ 10 سيڪڙو ۽ خريف ۾ 15 سيڪڙو پاڻي جو زيان صوبي جي حصي مان ڪٽيو ويندو آهي. (حقيقي زيان جو مقدار وڌيڪ آهي). پاڻي جي انهي زيان جا ٻه مکيه سبب آهن. پهريون سبب سنڌ ۽ پنجاب جي ڪچي ۾ ٽيندڙ آبپاشي ۽ ٻيو صوبن پاران بلوچستان ڪي ڪئنال جي هيڊ (مُنڍ) تي فراهم ڪيل پاڻي جي مقدار ۾ شفافيت نه هجڻ آهي. بلوچستان جي پاڻي جي چاٽايل زيان جو فائدو سنڌ ۽ پنجاب ڪي پوندو آهي. بلوچستان جو اهو پڻ چوڻ آهي ته اهو پاڻي جي مجموعي ڪوٽ ۾ حصيدار ٿيڻ لاءِ تيار آهي پر اهو صرف ان صورت ۾ جڏهن بلوچستان جو حصو پاڻي جو زيان ڪٽي رم اسٽيشن تي ٿوٽل ڪرڻ بعد ڏنو ويندو.

### چشمه جهلم لنڪ ڪئنال ڪيئن سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ تڪرار جو سبب آهي؟

سنڌ طاس معاهدي 1960ع تحت هندستان ڪي ڏنل ٽن الهندي درياهن بعد پنجاب ۾ پاڻي جي ڪوٽ ڪي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌوءَ تي ٻه لنڪ ڪئنال تعمير ڪيا ويا جن ڪي چشمه جهلم لنڪ ڪئنال ۽ تونسه پنجند لنڪ ڪئنال چئبو آهي. انهن ٻنهي ڪئنالن ڪي هلائڻ يا وهائڻ لاءِ اڄ تائين ڪي به قاعدا نه جوڙيا ويا آهن. جيئن ته پاڻي ٺاهه 1991ع تحت صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ ڪئي ويئي آهي ۽ صوبن ڪي انهي معاهدي تحت ئي پاڻي ڏنو ويندو آهي. سنڌوءَ جي مددي درياهن جهڙوڪ جهلم ۽ چناب ۾ پاڻي جي ڪوٽ ۽ سنڌوءَ ۾ اضافي پاڻي جي صورت ۾ سنڌوءَ مان چاٽايل لنڪ ڪئنالن ذريعي ڪوٽ ڪي پورو ڪيو ويندو آهي. ساڳي طرح جيڪڏهن سنڌوءَ واري آبپاشي سرشتي ۾ پاڻي جي ڪوٽ آهي ۽ جهلم ۽ چناب ۾ اضافي پاڻي موجود آهي ته اتان پاڻي ڪٽي ڪوٽ ڪي پورو ڪري سگهجي ٿو پر چاڪاڻ ته سنڌوءَ ۾ وهندڙ پاڻي جي سطح جهلم ۽ چناب درياهن ڪان مٿي هجي ٿي تنهن ڪري پاڻي ڪي سنڌوءَ ۾ چوڙ نٿو ڪرائي سگهجي. سنڌ ۽ بلوچستان ڪي پنجند وٽان سنڌوءَ ۾ پاڻي ڏيئي سگهجي ٿو.

سنڌ طاس معاهدي 1960ع تحت هندستان ڪي ڏنل ٽن الهندي درياهن بعد پنجاب ۾ پاڻي جي ڪوٽ ڪي پورو ڪرڻ لاءِ ٽي ٻيم ۽ 8 ڪئنال تعمير ڪيا ويا. انهن 8 ڪئنالن مان ٻن (چشمه جهلم لنڪ ڪئنال ۽ تونسه پنجند لنڪ ڪئنال) ذريعي سنڌوءَ مان پاڻي ڪٽي ڏاکڻي پنجاب ڪي ڏنو ويندو آهي. پاڻي ٺاهه 1991ع تحت صوبن ڪي پنهنجي حصي جو پاڻي جو تعين ڪيل آهي ۽ انهي حساب سان ئي انهن ڪي پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته خيبر پختونخواهه، سنڌ ۽ بلوچستان ڪي رڳو سنڌوءَ ذريعي ۽ پنجاب ڪي ضابطي جي مقصدن تحت ٽي مختلف زون ٺاهي پاڻي ڏنو ويندو آهي. انهن ٽن زونز ڪي جهلم چناب زون، ٽريبيوٽري زون ۽ انڊس زون چيو ويندو آهي. جهلم چناب زون ذريعي رڳو جهلم ۽ چناب درياهن مان، انڊس زون ذريعي رڳو سنڌوءَ مان ۽ ٽريبيوٽري زون ذريعي ٻنهي يعني سنڌوءَ ۽ جهلم چناب زون مان پاڻي ڪٽي سگهجي ٿو.

جڏهن سنڌوءَ مان انڊس زون ذريعي پاڻي جي فراهمي مڪمل ڪئي ويندي آهي ته پنجاب سنڌوءَ مان نڪرندڙ ڪئنالن جهڙوڪ ٿل ڪئنال، چشمه رائيٽ بئنڪ ڪئنال، ڏيرا غاذي خان ڪئنال، مظفرگڑهه ڪئنال ۽ ڪجهه چشمه جهلم لنڪ ڪئنال ۽ تونسه پنجند لنڪ ڪئنالن ذريعي پاڻي جي ڪٽت ڪندو آهي. پنجاب جو چوڻ آهي ته جڏهن ارسا پاران سنڌوءَ مان پاڻي جو حصو مجيو ويو آهي ته هو پنهنجو حصو پنهنجي مرضي تي پاڻي ٺاهه 1991ع جي شق 14 اِي ذريعي ڪٿان به ڪٽي سگهي ٿو. جڏهن ته سنڌ جو چوڻ آهي ته پنجاب سنڌ ۾ ڪوٽ جي صورت ۾ سنڌوءَ مان جهلم چناب زون لاءِ پاڻي جي ڪٽت نٿو ڪري سگهي پوءِ ڪٽي سندس حصو سنڌوءَ مان رهيل ٻه چو نه هجي.

## پاڻي جي وڌندڙ گهرج ۽ گهٽجندڙ دستيابي جو جائزو

سال 2002ع ۾ پاڻي ۽ بجلي جي وفاقي وزارت پاران ترتيب ڏنل ”پاڪستان نيشنل واٽر ريسورسز اسٽريٽجي 2002ع“ موجب سنڌوءَ ۾ سطحي پاڻي جي دستيابي ساليانو 138 کان 145 ايم اي ايف آهي. جڏهن ته 3.4 ايم اي ايف پاڻي سنڌوءَ کان ٻاهريان حاصل ڪيو ويندو آهي. بارشن جي موسم دوران نيئن ذريعي پاڻي جي دستيابي 17 ايم اي ايف ۽ جَرَ جي پاڻي جي دستيابي 56 ايم اي ايف آهي.

ماحولياتي تبديلي جي اثرن، برف جي رَڃڻ، افغانستان ۾ ڪابل درياهه تي ڊيمن جي تعمير ۽ پاڻي جي استعمال ۽ هندستان پاران سنڌ طاس ناهه ۾ پاڻي جو حق نه هجڻ باوجود پاڻي جي ڪٽت، مٿي ڄاڻايل پاڪستان ۾ پاڻي جي دستيابي ۾ تبديلي اچي رهي آهي.

آبادي، صنعتڪاري ۽ شهرڪاري ۾ اضافي سبب پاڻي جي گهُرج ۾ به لاڳيتو واڌ اچي رهيو آهي. هيٺ ڏنل جدول ۾ پاڻي جي موجوده ۽ مستقبل جي دستيابي جو تقابلي جائزو پيش ڪجي ٿو.

| پاڻي جي ضرورت | سال 2003ع | سال 2025ع | سيڪڙو واڌ |
|---|---|---|---|
| ٻنيءَ جي مُنڍ تي آبپاشي | 100 | 128 | 28 |
| ميونسپل، ڳوٺاڻي، پاڻي جي نيڪال ۽ ماحوليات | 5.5 | 12.2 | 110 |
| صنعتي | 2.2 | 4.8 | 118 |
| جملي | 108 ايم اي ايف | 145 ايم اي ايف | |

## ڪالاباغ ڊيم متعلق خيبر پختونخواهه جو مختلف موقف

خيبر پختونخواهه ۾ ڪالاباغ ڊيم جي حق ۽ مخالفت ۾ پيش ڪيل موقف جو خلاصو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

(الف) **نوشهرهه شهر سميت پشاور ماٿري جو ٻڏڻ -** ڪالاباغ ڊيم جي مخالفن جو چوڻ آهي ته سال 1929ع ۾ آيل ٻوڏ دوران آيل پاڻي کي نظر ۾ رکيو وڃي ته ڪالاباغ ٺهڻ سان نوشهره شهر سميت پشاور ماٿري ٻڏي ويندي. ڪالاباغ ڊيم جي حامين جو چوڻ آهي ته 29 آگسٽ 1929ع دوران آيل ٻوڏ نوشهره شهر، پَبي ۽ خيرآباد کان نوشهره تائين جي ٽي روڊ ٻڏي ويو هو، ان مهل ته ڪالاباغ ڊيم نه ٺهيل هو. جولاءِ آگسٽ 2010ع ۾ وڏي پئماني تي آيل ٻوڏ به ساڳئي علائقي ۾ گهڻو نقصان پهچايو پر تڏهن به ڪالاباغ ڊيم ٺهيل نه هو. ڪالاباغ ڊيم سبب نوشهره ٻڏي ويندو وارو موقف مفروضي تي ٻڌل آهي ڇاڪاڻ ته ڪالاباغ ڊيم نه هجڻ باوجود به گذريل 81 سالن ۾ به پيرا ٻوڏون اچي چڪيون آهن. ۽ نوشهره شهر کي ٻوڙي چڪيون آهن. ڪالاباغ ڊيم جي حامين جو چوڻ آهي ته ڪالاباغ ڊيم جي ڍنڍ جي پاڻي جو موٽ وارو اثر نوشهرهه شهر کان 10 ميل هيٺ ختم ٿي ويندو.

(ب) **مردان، پبي ۽ صوابي جي ميداني علائقن جي ڊرينيج (نيڪال) تي پوندڙ اثر -** ڪالاباغ ڊيم جي مخالفن جو چوڻ آهي ته مردان، پَبي ۽ صوابي جي ميداني علائقن جو نيڪال ڪالاباغ ڊيم جي تعمير ڪانپوءِ سخت متاثر ٿيندو جنهن سان سمورو علائقو سمَ ۽ ڪَلرَ جي ور چڙهي ويندو. ڪالاباغ ڊيم جي حامين جو خيال آهي ته مردان ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ واري جاءِ کان 200 ڪلوميٽر، پَبي 230 ڪلوميٽر ۽ صوابي 160 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. مردان، پبي ۽ صوابي جي زمين سمنڊ کان سطح ترتيب وار 970، 960 ۽ 1000 فٽ آهي. جڏهن ته ڪالاباغ ڊيم جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ واري سطح 915 فٽ آهي. اهڙي لحاظ کان ڪالاباغ ڊيم جي پاڻي ذخيرو واري سطح ڄاڻايل علائقن کان گهٽ ۾ گهٽ 90 فٽ ۽ سراسري طور 120 فٽ هيٺ آهي.

جڏهن ته ٻئي پاسي صوابي تربيلا ڊيم جي ذري گهٽ هنج ۾ آهي. ڊيم جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ واري سطح 550 فٽ ۽ هڪ سال ۾ وڌ ۾ وڌ 400 فٽن تي هوندي آهي. انهي سان گڏوگڏ علائقي ۾ ڳتيل آبپاشي سرشتي سبب زمين ۾ پاڻي جي سطح اڳيئي هر سال مٿي رهي ٿي. انهي ڪان مٿي هن علائقي لاءِ سِمَ ۽ ڪلر ڪان وڌيڪ خطرو ڇا ٿي سگهي ٿو. پاڻي جا وسيلا جيڪي انهن علائقي جي زمينن ڪان 120 فٽ هيٺ آهن، اهي وڌيڪ خطرناڪ ۽ هاڃيڪار آهن يا اهو وسيلو (ڪالاباغ ڊيم) جيڪو علائقي ڪان 150 ڪلوميٽر دور ۽ زمين جي سطح ڪان 400 فٽ مٿي اهو نقصانڪار آهي؟

(پ) **مردان جي اسڪارپ تي اثر -** ڪالاباغ ڊيم جي مخالفن جو موقف آهي ته مردان اسڪارپ پراجيڪٽ واري رٿا ڪالاباغ ڊيم جي تعمير ڪان پوءِ سخت متاثر ٿيندي. حامين جو چوڻ آهي ته مردان اسڪارپ رٿا جو ڪالاباغ ڊيم رٿا سان ڪوبه آبي، زميني يا سڌو تعلق نه آهي. ٻيو اهو ته مردان ڊرين جي اندرين سطح، ڪالاباغ ڊيم جي ذخيري جي 915 فٽ واري مٿانهين سطح، ڪابل درياهه ۽ ڪلپيني خُوائر ڪان مٿي آهي.

(ج) **ذرخير زمين ٻڏي ويندي -** ڪالاباغ ڊيم جي مخالفن جو چوڻ آهي ته علائقي جي پوکي لائق زرخيز زمين ڪالاباغ ڊيم جي تعمير سبب ٻڏي ويندي. حامي چون ٿا ته 1998ع ۾ تيار ڪيل رٿا جي پراجيڪٽ پلاننگ رپورٽ موجب رڳو 3000 ايڪڙ زمين ٻڏي ويندي، جنهن مان پنجاب ۾ 2900 ايڪڙ ۽ خيبر پختونخواهه ۾ رڳ و100 ايڪڙ آهي. جڏهن ته سندن اهو ٻڻ چوڻ آهي ته صوبي ۾ ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جي نتيجي ۾ رڳو 100 ايڪڙ زمين ٻڏندي، جڏهن ته اسڪارپ پروگرام لاءِ صوبي ۾ ٻڏندڙ زمين 1000 ايڪڙ آهي.

(د) **آبادي جي لڏپلاڻ -** ڪالاباغ ڊيم جي مخالفن جو چوڻ آهي ته ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جي نتيجي ۾ هڪ وڏي انگ ۾ آبادي کي لڏپلاڻ ڪرڻي پوندي. ڊيم جي حامين جو چوڻ آهي ته سال 1998ع جي آدمشماري موجب ڊيم جي تعمير سان مجموعي طور هڪ لک 8 هزار 101 ماڻهن کي لڏپلاڻ ڪرڻي پوندي، جن مان پنجاب 65 هزار 929 ۽ خيبر پختواخواهه مان 42 هزار 172 ماڻهو لڏ پلاڻ ڪندا. ان جي ڀيٽ ۾ ڪراچي ۾ لياري ايڪسپريس وي جي تعمير بعد ادائي لک ماڻهن کي لڏ پلاڻ ڪرڻي پوندي. تنهن جي باوجود ڊيم جي نتيجي ۾ لڏپلاڻ ڪندڙن جا مسئلا حل ڪرڻ ناممڪن ناهي. انهي سموري عمل کي باقاعدي رٿابندي واري ٻيهر آبادڪاري واري هڪ جامع پروگرام ذريعي عمل درآمد ڪندي ان کي گهٽ ۾ گهٽ تڪليف پهچائيندڙ بنائي سگهجي ٿو.

## ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌوءَ تي رٿيل ٻين ڊيمن متعلق سنڌ جو مختلف موقف

سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊيم جي حق ۽ مخالفت ۾ پيش ڪيل موقف جو خلاصو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

(الف) **سنڌوءَ تي پاڻي جي دستيابي -** ڪالاباغ ڊيم جا مخالف سمجهن ٿا ته سندن لاءِ پاڻي جي واحد وسيلي سنڌوءَ ۾ پاڻي جي دستيابي غير يقيني آهي ۽ ان ۾ لاڳيتو گهٽتائي اچي رهي آهي. ماضي جو ريڪارڊ گواهه آهي ته درياهه ۾ هر سال اضافي پاڻي دستياب نه ٿو هجي. جيڪڏهن 5 ڪان 17 ارب ڊالرن جي لاڳت سان هڪ وڏو ڊيم تعمير ڪيو وڃي ٿو ته ان کي هر سال ڀرڻ ذري گهٽ ناممڪن آهي. انهن سالن دوران جڏهن پاڻي جي ڪوٽ رهندي آهي ۽ اضافي پاڻي دستياب نه هوندو آهي ته انهي ڊيم کي نه ڀري سگهبو ۽ نتيجي طور سنڌ کي پاڻي جي بنيادي فراهمي به گهٽجي ويندي.

جڏهن ته مخالف موقف ڪجهه هن ريت آهي ته سنڌوءَ جي وهڪر ن جي منداتي ۽ سالياني دستيابي جي باري ۾ صدين ڪان خبر آهي ۽ انهي ڪري هن درياهه تي ڳتيل آبپاشي سرشتو جوڙيو ويو آهي. هن درياهه تي بئراج مٿان بئراج ۽ مختلف رن آف دي رورَ Run of the Riverرٿائون رٿيون ۽ تعمير ڪيون ويون آهن. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته آبپاشي سرشتو سنڌوءَ جي پاڻي کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ وڌيڪ انفراسٽرڪچر تعمير ڪرڻ جي ڪوٽ جو اڄ به شڪار آهي. ان لاءِ هڪ محفوظ عمل ۽ ان ڏس ۾ درياهه تي هڪ وڏو ڊيم اڏڻ جي ضرورت آهي جنهن ذريعي اضافي پاڻي کي ذخيرو ڪندي ڪوٽ وارن ڏينهن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

سنڌن وڌيڪ چوڻ آهي ته درياهي وهڪرن کي ضابطي ۾ آڻي، صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ ارسا ذريعي ڪندو آهي ۽ اهو ڪنهن هڪ صوبي جي چوڻ تي نه ڪيو ويندو آهي. پاڻي جي ضابطي واري انهي سرشتي کي وڌيڪ سگهارو بنائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ان جي شڪ جي پيچڪڙي جي نشاندهي ڪرڻ بعد ذميوارن خلاف ترت ڪاروائي عمل ۾ آڻجي. ڊيم جا حامي اهو به دليل ڏين ٿا ته جيڪڏهن پوچڙي وارن جا اعتراض به آهن ته ڊيم ڪي هر سال نه پري سگهبو ته پاڻي ذخيرو ڪرڻ سان گڏوگڏ بجلي پئدا ڪندڙ ڊيم ۽ ٻوڏن جي پاڻي کي روڪڻ جو لاڀ ته سدائين حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن مستقبل ڏانهن نظر ڊوڙائجي ته اهڙي لاڀ جو قدر ۽ اهميت زبردست آهي.

(ب) **ڊيم مان رٿيل ٻه واهه -** ڪالاباغ ڊيم تي تنقيد ڪندڙن جو خيال آهي ته رٿا مان ٻه ڪئنال ڪڍڻ جي به نيت ڪئي ويئي آهي ۽ انهن کي ڊزائين ۾ به شامل ڪيو ويو آهي. انهي جو هڪ ئي مقصد آهي ته انهي مان وڌ ۾ وڌ پاڻي وهائجي. نتيجي طور ان سان سنڌ کي پاڻي جي فراهمي ۾ غير معمولي گهٽتائي اچي ويندي.

ڊيم جا حامي سمجهن ٿا ته ارسا کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ سان ان ڳالهه کي يقيني بنائي سگهجي ٿو ته ڪو به صوبو پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي حاصل نه ڪري سگهي. ارسا جي اهڙي سرشتي سبب جيڪڏهن هر صوبي جي حقي حصي جي تحفظ جي خاطري ڪرائي وڃي ته ڪالاباغ ڊيم مان رٿيل ڪئنالن ذريعي پاڻي وهائڻ وارو شڪ به دور ٿي ويندو ۽ اهو به نه سمجهيو ويندو ته مُنڍ وارا پوچڙي وارن جي حقن تي راتاهو هڻي رهيا آهن. حامين جو اهو پڻ چوڻ آهي ته ارسا ڪنهن به صوبي کي سندس حقي پاڻي جي حصي کان محروم ڪرڻ بدران مختص ٿيل پاڻي جي حصي تي برابري ۽ انصاف جي بنيادن تي اهڙي طريقي سان عمل درآمد ڪرائي سگهي ٿو ته جيئن ٻين صوبن جي معاشي حالت تي به ڪو اثر نه پوي.

(پ) **ڪچي وارن علائقن ۽ انڊس ڊيلٽا ۾ آبپاشي -** ڪالاباغ ڊيم جي مخالفن کي خدشو آهي ته ڊيم ۾ 6.1 ايم اي ايف پاڻي ذخيرو ڪرڻ سان سنڌوءَ ذريعي سنڌ ڏانهن پاڻي جي وهڪرن ۾ شديد ڪوٽ اچي ويندي. جنهن سان سنڌن ٻوڏ واري پاڻي تي زمين آباد ڪرڻ، ڊيلٽا ۾ تمر جي ٻيلا، درياهي ٻيلا ۽ چوپائي مال، مڇي ۽ جهينگي جي پيداوار، ماحوليات، حياتياتي تنوع، پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي، سخت متاثر ٿيڻ سان گڏوگڏ سمنڊ جي چاڙهه ۾ به واڌ اچي ويندي ۽ درياهه جي قدرتي وهڪرن ۾ به ابتري اچي ويندي. ڊيلٽا جي علائقي ۾ غربت چوٽ چڙهي ويندي ۽ درياهه سان لڳو لڳ علائقن ۾ لڳل ٽيوب ويلز ۾ مٺو پاڻي به ختم ٿي ويندو.

ڊيم جا حامي انهي جو جواب ڏيندي چون ٿا ته تسليم ٿيل ماهرن ۽ ڪنسلٽنٽس پاران ڪرايل اڀياس ۽ مجموعي طور تي بين الاقوامي ماهرن جي پينل پاران جاچايل سمورن خدشن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي. انهن ماهرن پاران ڪرايل رپورٽس ۾ نتيجو ڪڍيو ڪيو ويو آهي ته سمورن ماحولياتي مسئلن جي نبيري لاءِ ڪوٽڙي کان هيٺيان پاڻي جي هيٺ ڏنل وهڪرن کي يقيني بنائي ان مسئلي کي حل ڪري سگهجي ٿو.

هر سال لاڳيتو بنيادن تي 5000 ڪيوسڪس تائين پاڻي جا وهڪرا

پنجن سالن ۾ جملي 25 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي جا وهڪرا

(ج) **سمنڊ جو درياهه جي پوچڙي تي زمين کي پائڻ يا سمنڊ جو چاڙهه -** ڪالاباغ ڊيم جي مخالفن جو چوڻ آهي ته ڊيم جي تعمير بعد انڊس ڊيلٽا لاءِ پاڻي جي دستيابي ممڪن نه ٿي سگهندي جڏهن ته سمنڊ چڙهندو ايندو ۽ لاڳيتو زمين پائيندو رهندو. حامين جو چوڻ آهي ته اهڙي خدشي کي پاڻي جي سمنڊ ڏانهن چوڙ وارا انگ اکر رد ڪن ٿا.

## سنڌوءَ تي رٿيل ٻيا ڊيم

(الف) **ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۽ نين ڊيمن لاءِ پاڻي جي دستيابي -** سنڌوءَ تي رٿيل ڪنهن به نئين ڊيم جي تعمير جا مخالف سمجهن ٿا ته ڊيم کي هر سال پرڻ لاءِ پاڻي دستياب نه هوندو آهي. انهن موجب گذريل 10 سالن جي ڪوٽڙي کان هيٺيان ڇوڙ ٿيل وهڪرن جي تفصيل تحت ڇهن سالن ۾ 6 ايم اي ايف کان گهٽ پاڻي ڇڏيو ويو آهي.

| سال | ڪوٽڙي کان هيٺ ڇڏيل ساليانو وهڪرا |
|---|---|
| 2000-01 | 0.745 ايم اي ايف |
| 2001-02 | 1.924 ايم اي ايف |
| 2002-03 | 2.152 ايم اي ايف |
| 2004-05 | 0.286 ايم اي ايف |
| 2008-09 | 5.824 ايم اي ايف |
| 2009-10 | 4.006 ايم اي ايف |

ان ڪري هو اهو سوال پڇن ٿا ته هر 6 سالن بعد ڊيم ڪي ڪيئن ڀري سگهبو؟ ۽ جيڪڏهن ڀريو به وڃي ٿو ته سنڌ پوڇڙيءَ ۾ هجڻ سبب سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿيندي.

سنڌوءَ تي ڊيم اڏڻ جا حامي بيان ڪن ٿا ته ڪوٽڙي کان هيٺ وهڪرن جو مڪمل جائزو وٺڻ بعد رڳو گذريل 6 سالن جو نه پر گذريل 35 سالن جي وهڪرن جو به اڀياس ڪرڻ گهرجي. سندن چوڻ آهي ته گذريل 35 سالن 1976ع کان 2010ع تائين سراسري طور 35.1 ايم اي ايف پاڻي ڪوٽڙي کان هيٺيان سمنڊ ڏانهن ڇڏيو ويو آهي. ڊيم جي حامين جو اهو به چوڻ آهي ته سنڌ صوبي جا سنڌوءَ تي ٻين ڊيمن تي اعتراض، ٽن سالن جهڙوڪ 2000-2001ع کان 2002-2003ع ۽ 2004-05ع ۾ پاڻي جي کوٽ تي بنياد ڪن ٿا. اهي چار ئي سال تربيلا ڊيم جي تعمير بعد 40 سالن جي مدي وارا آهن. ٻا باقي 36 سالن ۾ زراعت، توانائي ۽ ٻوڏ تي ضابطي جي ڏس ۾ درياهه جي وهڪرن مان مليل فائدن جو ڪوبه مطلب نه آهي؟

## سنڌ ۽ بلوچستان و چ ۾ پاڻي جي ورڇ بابت تڪرار

بلوچستان پنهنجي حصي جو پاڻي سنڌ ۾ موجود ٻن بئراجن گڊو ۽ سکر بئراجن ذريعي کڻي ٿو. پاڻي ٺاهه 1991ع موجب خريف ۾ گڊو بئراج ذريعي بلوچستان کي 2.24 ايم اي ايف ۽ ربيع ۾ 0.77 ايم اي ايف پاڻي جو حصو مختص ڪيل آهي. جڏهن ته سکر بئراج ۾ خريف دوران 0.61 ايم اي ايف ۽ ربيع ۾ 0.25 ايم اي ايف پاڻي مختص ڪيل آهي. گڊو بئراج مان بلوچستان کي پاڻي جي فراهمي جو مسئلو انتهائي معمولي آهي. جڏهن ته جون ۽ جولاءِ جي مهينن ۾ جڏهن سارين جي پوکائي پنهنجي اوج تي هوندي آهي ته سکر بئراج وٽان صوبي کي پاڻي جي فراهمي ۾ ڪيترائي مسئلا ايندا آهن. ڇاڪاڻ ته بلوچستان کوٽ ۾ پائيوار ناهي تنهن ڪري ارسا جون مهيني جي ٻئي ڏهي (ڏهن ڏينهن) کان ويندي سيپٽيمبر جي آخر تائين 2200 ڪيوسڪ پاڻي فراهم ڪرڻ جو پابند آهي. ٻئي پاسي سنڌ موجب جون جي آخر ۽ جولاءِ مهيني جي شروع ۾ بلوچستان کي 2200 ڪيوسڪ پاڻي جي فراهمي جو مسئلو سکر بئراج ۾ پاڻ جي سطح سبب آهي. سنڌ جو اهو پڻ چوڻ آهي ته جيسيتائين درياهه ۾ سکر بئراج جي مقام تي پاڻي جا وهڪرا 135،000 ڪيوسڪ تائين نٿا پهچن، ڇاڻاڻ مدي ۾ ڪيرٿر ڪئنال جي گهٽ گنجائش سبب بلوچستان لاءِ گهربل پاڻي وهائي ئي نٿو سگهي. بلوچستان جو چوڻ آهي ته خريف ۾ پاڻي جي وافر مقدار ۾ دستيابي دوران سندن 2200 ڪيوسڪ حصي جي ڀيٽ ۾ انهن کي 1400 ڪيوسڪ کان به گهٽ پاڻي فراهم ٿيندو آهي. بلوچستان جو وڌيڪ چوڻ آهي ته انهن کي ڪير ٿر ڪئنال ذريعي سندن حصي جو پاڻي تڏهن به نه ملي سگهيو جڏهن سکر بئراج وٽ وهڪرا 153000 ڪيوسڪ تي پهتا هئا ۽ پاڻ ليول 199.5 فٽ کي وڃي پهتي هئي.

اهڙي ريت هن مدي دوران ٻئي صوبا گهٽ پاڻي حاصل ڪندا آهن ۽ بلوچستان سنڌ خلاف شديد واويلا ڪندو آهي. سنڌ سکر بئراج واري معاملي کي اڳتي رکندي پنهنجي موقف کي واضح ڪندي آهي. معاملو تڏهن نبرجي ويندو آهي جڏهن درياهه ۾ پاڻي جا وهڪرا بهتر ٿي ويندا آهن ۽ انهي جي پاڻ جي سطح گهربل نشان تائين پهچي ويندي آهي.

بلوچستان جي گهر آهي ته سنڌ حڪومت ڪيرٿر ڪئنال ۾ پاڻي جي زيان جي سببن جو تعين ڪري. بلوچستان اهو پڻ سمجهي ٿو ته سنڌ پاران رُڪ ڪمپليڪس جي اڏاوت باقاعدي اڀياس ۽ رياضيات جي اصولن کي اڳتي رکندي نه ڪئي ويئي هئي، جنهن سبب واهه جو ڀيٽ 5 کان ساڍا 6 فٽ تائين

واري سان لڳجي ويو. بلوچستان جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت رُڪ ڪمپليڪس جي لڳجي وڃڻ جا سبب ڳولهي ۽ انهي رٿا جو نئين سري کان اڀياس ڪري ۽ ڪير ٿر ڪئنال ۾ گهربل پاڻي وهائڻ جا جوڳا بندوبست ڪري.

بلوچستان جو چوڻ آهي ته حب ڊيم جي ڪيچمنٽ ايريا 72 سيڪڙو بلوچستان ۾ 28 سيڪڙو سنڌ ۾ آهي پر انهي ڊيم ۾ ذخيرو ٿيندڙ پاڻي مان 63 سيڪڙو سنڌ ۽ 37 سيڪڙو بلوچستان کي فراهم ڪيو ويندو آهي. بلوچستان جو چوڻ آهي ته اهڙي قسم جي مت ڀيد کي بنادير ختم ڪيو وڃي.

ان مسئلي جي حل لاءِ بلوچستان هيٺ ڏنل حل پيش ڪري ٿو ۔واپڊا بلوچستان جي لسبيلي ضلعي ۾ موجود حب ڊيم جو 36.7 سيڪڙو پاڻي بلوچستان ۽ 63.3 سيڪڙو پاڻي سنڌ کي فراهم ڪندو آهي.

مختلف صوبن يا علائقن ۾ پاڻي جي حصيداري يا ورڇ بين الاقوامي درياهي لنگهن جي چوڙ وارن علائقن جي مالڪي واري حق Watershed Ownershipجي اصول تحت ڪئ ويندي آهي. ان سبب ڪري بلوچستان حڪومت سمجهي ٿي ته پنهي صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ هيٺ ڏنل فارمولي موجب ڪئي وڃي.

بلوچستان 2420 چورس ميل 71 سيڪڙو سنڌ 990 چورس ميل29 سيڪڙو

مٿي ڏنل فارمولي جي حساب سان بلوچستان رٿ ڏني ٿو ته حب ڊيم جي پاڻي جي 175.96 ملين گيلن روزاني دستيابي تحت هيٺ ڏنل جدول جي بنياد تي ڪئي وڃي.

دستياب پاڻي جي ورڇ (ملين گيلن روزانو)

| صوبو | بلوچستان پاران رٿيل حصو | موجوده |
|---|---|---|
| سنڌ | 51.03 | 101.78 |
| بلوچستان | 124.93 | 59.00 |
| جملي | 175.96 | 160.78 |

بلوچستان اهو پڻ سمجهي ٿو ته واپڊا پاران تعمير جي آخري مرحلي ۾ پهتل آر بي او ڊي ٿري رٿا تي سنڌ رنڊڪون وجهي رهي آهي. بلوچستان جو چوڻ آهي ته وفاقي حڪومت جي مالي سهڪار سان جاري 100 ارب روپين جي رٿا کي ڪنهن به صوبي کي روڪڻ نه گهرجي.

## پاڪستان ۾ پاڻي جي ذخيرن متعلق صوبن ۽ علائقن پاران اٿاريل پيا معاملا

### سنڌ پاران اٿاريل معاملا

منگلا ڊيم ۾ تڏهن پاڻي ذخيرو ڪيو ويندو آهي جڏهن سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ هوندي آهي ۽ آبپاشي لاءِ پاڻي جي گهرج هوندي آهي. سنڌ جو چوڻ آهي ته پهريان سنڌ جون آبپاشي ضرورتون پوريون ڪرڻ بعد ڪنهن به ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪري سگهجي ٿو.

پنجاب جو چوڻ آهي ته جهلم ۾ اڳاتو پاڻي پهچندو آهي ۽ جيڪڏهن جون جي آخر تائين ڊيم کي 80 سيڪڙو نٿو ڀريو وڃي، ان کي پنهنجي مڪمل گنجائش يا استعداد تائين نٿو ڀري سگهجي. ڊيم جي پراجيڪٽ رپورٽ موجب ڊيم کي اڳاتي پاڻي جي دستيابي سان ئي ڀري سگهجي ٿو.

سنڌ پنجاب جي ان موقف جي مخالفت ڪندي چوي ٿو ته منگلا ڊيم کي دير سان ڀري سگهجي ٿو ۽ ان سان سنڌ کي اڳاتي خريف ۾ پاڻي جي کوٽ کي منهن نه ڏيڻو پوندو. انهن پاران پيش ڪيل ڪيترن ئي سالن جي انگن اکرن موجب منگلا ڊيم کي اڳاتي ڀرڻ سان ڊيم جا اِسپل ويز جولاءِ ۽ آگسٽ ڌاري کوليا يا هلايا ويندا آهن.

سنڌ گهُر ڪندي آهي ته ڪوٽڙي بئراج کان هيٺيان ساليانو 10 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي وهائڻ گهرجي. ان ڏس ۾ بين الاقوامي ماهرن پاران مختلف اڀياس به ڪرايا ويا آهن جن مطابق اهو مقدار هر سال سراسري 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ ٿئي ٿو. پر اهو مقدار به پڪي طرح هر سال نٿو ڇڏيو وڃي.

## بلوچستان

(الف) **سنڌ ۽ پنجاب پاران پاڻي ٺاهه 1991ع جي امڪاني لتاڙ -** بلوچستان سمجهي ٿي ته پنجاب ۽ سنڌ صوبا سنڌوءَ ۾ شامل ٿيندڙمددي درياهن ۽ ندين تي ڊيم ۽ ٻيا آبپاشي جا اسٽرڪچر تعمير ڪري رهيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ انهن مددي درياهن مان پاڻي سنڌوءَ تائين پهچڻ کان اڳيئي رڪجي ويندي آهي ۽ سنڌوءَ ۾ پاڻي جي فراهمي ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي. بلوچستان جي گهُر آهي ته وفاقي حڪومت ۽ ارسا اهڙين اسڪيمن ۽ ننڍن ڊيمن جي رٿائن جي نگراني ڪري جيڪي پاڻي ٺاهه 1991ع جي شق 9 جي لتاڙ آهن.

(ب) **پنجاب صوبي پاران ٽيوب ويل لڳائڻ سبب پاڻي جي ڪوٽ -** بلوچستان سمجهي ٿو ته پنجاب ۾ لڳ ڀڳ 5000 ٽيون ويلز جي لڳائڻ سبب سنڌوءَ ۾ پاڻي جي ڪوٽ ٿي رهي آهي. بلوچستان حڪومت چاهي ٿي ته مرڪزي حڪومت پنجاب ۾ لڳندڙ ٽيوب ويلز جي اثرن جو جائزو وٺن ۽ ٽيوب ويلز مان حاصل ٿيندڙ مجموعي پاڻي کي پاڻي جي ورڇ جوڳي پول جو حصو بنايو وڃي.

(پ) **بلوچستان لاءِ خاص بئراج ۽ واهن جو توسيعي سرشتو -** بلوچستان جو چوڻ آهي ته ان وٽ ڪچي جي ميداني علائقن ۾ ست لک ايڪڙ زرخيز ۽ وارياسي زمين موجود آهي، جنهن کي پٽ فيڊر ڪئنال جيان آبپاشي لائق بنائي سگهجي ٿو. بلوچستان سمجهي ٿو ته صوبي کي پاڻي جي وهڪري جا مناسب سطح رکندي پنجاب جي ڪنهن علائقي وٽان هڪ ڌار بئراج تعمير ڪري ۽ انهي مان مختلف واهه تعمير ڪري سنڌن حصي جو پاڻي فراهم ڪري سگهجي ٿو.

## آزاد ڪشمير، اسلام آبا ۽ قبيلائي علائقا (فاٽا )

اهي ٽئي علائقا پيئڻ جي پاڻي سميت ٻين ضرورتن لاءِ جي گهُر ڪن ٿا. پر ارسا سنڌن ان مطالبي کي پاڻي پاڻي ٺاهه 1991ع ۾ ڌر نه هجڻ سبب تسليم ڪرڻ کان انڪاري آهي.

## ٽيلي ميٽري سرشتي جي ضرورت

پاڻي جي ورڇ تي درست ضابطي لاءِ پاڻي جي وهڪرن يا مقدار جي ماپ اٽل آهي. ارسا پاران صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ جا انگ اکر ڪئنال جي مُنڍن تي صوبن پاران فراهم ٿيندڙ پاڻي جي بنياد تي تيار يا مقرر ڪيا ويندا آهن. ان سموري عمل ۾ شفافيت کي يقيني بنائڻ جي لاءِ واهن جي منڍن ۽ ڊيمن تي سال 2004ع ۾ ٽيلي ميٽري سرشتو لڳايو ويو هو. پر بدقسمتي سان اهو سرشتو گهربل مقصد حاصل ڪرڻ ۽ ڌرين جو اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو.

ٽيلي ميٽري سرشتي ۾ انيڪ مسئلا آهن. سڀ کان پهريان اهو ته صوبن پاران فراهم ٿيندڙ پاڻي جي وهڪري کي ماپڻ جي فارمولي ۾ هڪ جهڙائي هجڻ گهرجي ته جيئن ان کي سرشتي ۾ داخل ڪري سگهجي. ٻيو مسئلو پاڻي جي سطح سان آهي جنهن جي نتيجي ۾ ٽيلي ميٽري سسٽم ۽ پاڻي جي مقدار ماپڻ واري روايتي نظام ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. نه رڳو اهو پر ٽيلي ميٽري سرشتي ۽ روايتي طريقي سان واپڊا پاران تربيلا، منگلا، چشمه ۽ ڪابل درياهن جي وهڪرن بابت انگن اکرن ۾ به اڪثر ڪري گهڻو فرق اچي ويندو آهي.

هن وقت هي سرشتو واپڊا جي نگراني هيٺ آهي ۽ اهو چيو پيو وڃي ته حڪومت انهي سرشتي جي بحالي ۽ انهي جا نقص دور ڪرڻ لاءِ ارسا ۽ لاڳاپيل صوبن سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ رڌل آهي. اهو ڪم عالمي بئنڪ جي واٽر سيڪٽر ڪئپيسيٽي بلڊنگ اينڊ ايڊوائيزري سروسز پراجيڪٽ جي مالي سهڪار سان ڪيو پيو وڃي.

هڪ ٻيو اهم پهلو جيڪو خاص ڪوشش جو گهرجائو آهي اهو هي ته لڳ ڀڳ سمورا بئراج ۽ ڪئنال صوبن جي ڪنٽرول هيٺ آهن ۽ جيسيتائين ڌريون ٽيلي ميٽري سرشتي کي ڪاميابي سان هلائڻ لاءِ صاف نيت ۽ ڀرپور ذميواري جو مظاهرو نٿيون ڪن، هي سرشتو گهربل نتيجا نه ڏيئي سگهندو. هي سرشتو ڪنهن به هڪ ڌر جي مفادپرست رويي سبب سولائي سان ناس ٿي سگهي ٿو.

## صوبن وچ ۾ پاڻي تڪرار نبيرڻ جا آئيني رستا

چئني صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ جي ذميواري ارسا ايڪٽ 1992ع تحت ارسا ڪندي آهي. ڪابه صوبائي يا مرڪزي حڪومت جيڪڏهن ارسا جي ڪنهن فيصلي مان مطمئن ناهي يا اها سمجهي ٿي ته ساڻس انصاف ناهي ٿيو ته اها ان جي نبيري لاءِ گڏيل مفادن واري ڪائونسل سان رابطو ڪري سگهي ٿي. سي سي آءِ انهي تڪرار جو فيصلو اڪثريتي ووٽ سان ڪندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به ڌر کي سي سي آءِ جي فيصلي تي به اعتراض آهي يا غير مطمئن آهي ته اها ان جي نبيري لاءِ پارليامنٽ جو در کڙڪائي سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو پارليامنٽ جو گڏيل اجلاس گهرائي ڪيو ويندو. (پاڪستان جي آئين جي شق 153، 154 ۽ 155 ۾ اهڙو بندوبست ڪيل آهي)

## تڪرارن کان اڳتي وڌي سوچڻ جا ڪجهه امڪاني رستا

پاڪستان ۾ بين الصوبائي پاڻي تڪرارن جو مکيه سبب صوبن جو هڪ ٻئي تي اعتماد جي سخت کوٽ ۽ اهو تاثر آهي ته هڪ صوبو ٻئي سان ناانصافي ڪري ٿو. جڏهن درياهن ۾ پاڻي جي دستيابي ڳچ هجي ٿي ۽ صوبن کي گهربل مقدار ۾ پاڻي جي فراهمي ملي ٿي ته انهن ۾ ڪو به تڪرار نه اٿندو آهي. جڏهن پاڻي، گهرج کان گهٽ آهي ۽ هر صوبي کي معاهدي جي حساب سان گهٽ پاڻي ملي ٿو تڏهن به ڪو تڪرار سامهون نه ايندو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن صوبي کي معاهدي هجڻ باوجود گهربل حصو نه ملندو آهي ته پوءِ تڪرار جنم وٺندا آهن. طئي ٿيل پاڻي ٺاهه جون لاڳيتون ڀڃڪڙيون، پوءِ اهي حقيقي هجن يا غير حقيقي، صوبن وچ ۾ بداعتمادي جو سبب بنجنديون آهن ۽ پختيون ٿي وينديون آهن. ڳالهه ان حد تائين پهچي ويندي آهي جو متاثر ڌر يا صوبي کي ٻئي صوبي يا ڌر جي ڪا مناسب ڳالهه به نامناسب لڳندي آهي. ڪنهن به تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ سڀني کان پهريان ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته بداعتمادي کي اعتماد ۾ تبديل ڪيو وڃي. اهو تڏهن ئي ممڪن بنجي سگهندو جڏهن سموريون ڌريون اهو اطمينان ڪري وٺنديون ته هر ڪا ڌر پاڻي ٺاهه تي ان جي روح موجب عمل ڪري رهي آهي.

خوشقسمتي سان پاڪستان ۾ صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ لاءِ پاڻي ٺاهه 1991ع جي صورت ۾ هڪ معاهدو موجود آهي. هن ٺاهه ۾ ڪنهن به قسم جي ٻاهران ٿيل تبديلي جي بالڪل به موڪل نه هجڻ گهرجي. ڪنهن به قسم جي زباني معاهدي کي ڪنهن به تڪرار جي نبيري يا ٺاهه نه مڃيو وڃي. ساڳي طرح صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ ۽ خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان کي کوٽ کان آجو قرار ڏيڻ واري معاملي کي پاڻي ٺاهه 1991ع جي شق 14 بي جي روشني ۾ ڏنو وڃي، جنهن ۾ واضح طور چيو ويو آهي ته صوبن وچ ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ واڌ جي ورڇ برابري جي بنياد تي سندس حصي جي حساب سان ڪئي ويندي. اهو ڪرڻ بعد لنڪ ڪئنالن کي وهائڻ جا قاعدا تعميري بحث ۽ يڪ راءِ سان جوڙيا وڃن. ساڳي طرح منگلا ڊيم کي ڀرڻ جو طريقيڪار به راضپي سان طئي ڪيو وڃي.

مٿي ڏنل سفارشن تي عمل صوبن وچ ۾ بداعتمادي جي فضا کي هوريان هوريان ختم ڪري ڇڏيندو ۽ مستقبل ۾ مفاهمت جي راهه هموار ڪندو. اهو اعتماد حاصل ڪرڻ بعد ڊيمن جي تعمير جي معاملي تي به اتفاق ڪري سگهجي ٿو ۽ آزاد ڪشمير، اسلام آباد ۽ فاٽا جي درخواستن کي اڪلائي سگهجي ٿو.

ڪجهه ماهر سمجهن ٿا ته صوبن وچ ۾ اعتماد ۽ ڀروسي جي فضا بحال ڪرڻ جو هي طريقو مڪمل طرح بي مقصد آهي ۽ تنهن ڪري ان جي ڪاميابي جي مڪمل ضمانت نٿي ڏيئي سگهجي.هن جو هڪ ٻيو به طريقو آهي جيڪو تفصيل سان بيان ڪرڻ جوڳو آهي.

صوبن وچ ۾ پاڻي جي حصي جي ”تاريخي“ يا ”ٺاهه“ موجب تڪرار تڏهن شروع ٿين ٿا جڏهن پاڻي جي کوٽ ٿئي ٿي. ڇا اسان پاڻي جي ورڇ کي اضافي پاڻي جي دستيابي واري نظام ذريعي حل نٿا ڪري سگهون؟

بنا ڪنهن شڪ جي ان مسئلي جو حل وڏا ڊيم تعمير ڪري حاصل ڪري سگهجي ٿو. آخر ڪار سمورين ڌرين ۽ صوبن ان جي باوجود ته راوي، ستلج ۽ بياس درياهه اسان کان هليا ويا، منگلا ۽ تربيلا ڊيم جي تعمير مان لاڀ حاصل ناهي ڪيو؟

ڊيمن تعمير ڪرڻ سان گڏوگڏ هر مهيني پاڻي جو ليکو ڪرڻ Water Audit، ٺاهه جي ڀڃڪڙي ڪندڙن تي ڏنڊ رکڻ ۽ متاثر ڌر کي مناسب ريليف ڏيڻ به حڪمت عملي جو حصو هجڻ گهرجي.

اها حڪمت عملي اپنائڻ سان نه رڳو سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ اجوڪا تڪرار ماضي جو حصو بنجي ويندا پر پوچڙي وارن جهڙوڪ سنڌ ۽ بلوچستان کي به اعتماد حاصل ٿيندو. ڪالاباغ ڊيم جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان ڪئنال ڪڍڻ وارن اعتراضن جو به خاتمو اچي ويندو.

هيٺ ڏنل ڪجهه نڪتن تي غور ڪرڻ سان مٿي ڏنل مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا ـ

ارسا جي فني صلاحيت ۾ اضافو ڪرڻ جي ضرورت آهي. ارسا کي پاڻي ۽ بجلي جي وفاقي وزارت جي انتظامي ڪنٽرول ۾ ڏيڻ بدران ڪابينه ڊويزن تحت ڏنو وڃي. جڏهن ته هي ادارو رڳو گڏيل مفادن واري ڪائونسل کي جوابده هجي.

ارسا کي وڌيڪ انتظامي ۽ مالياتي اختيار ڏيندي انهي جي ساليانى بجيٽ ۾ اضافو ڪيو وڃي.

ارسا کي اهو پڻ اختيار هجڻ گهرجي ته پاڻي چوري ڪندڙ صوبي يا صوبن تي ڏنڊ مڙهي سگهن ۽ انهي جي اوڳاڙي به ڪري سگهن.

ٽيلي ميٽري سرشتي جا سمورا نقص دور ڪندي ان کي ترجيحي بنيادن تي نصب ڪيو وڃي ۽ انهي جو سمورو

انتظام ارسا حوالي ڪندي سندس عملي کي سار سنڀال ۽ هلائڻ جي مناسب سکيا ڏني وڃي.

بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه کي ضروري آبپاشي انفرااسٽرڪچر تعمير ڪري ڏنو وڃي ته جيئن هو نه رڳو پاڻي ٺاهه 1991ع موجب پنهنجي حصي جو پورو پاڻي کڻي سگهن پر نوان ڊيم ٺهڻ بعد به اضافي پاڻي مان لاڀ حاصل ڪري سگهن. ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته ڪالاباغ ڊيم جي تعمير تائين خيبر پختونخواهه مستقبل ۾ به پنهنجي حصي جو پاڻي نه کڻي سگهندو.

اهي صوبا جيڪي پنهنجي حصي جو پورو پاڻي نٿا کڻي سگهن انهن کي اجازت هجڻ گهرجي ته هو انهي پاڻي کي باهمي طور معاهدو ٿيل اگهن ۽ شرطن تحت ٻين صوبن کي وڪرو ڪري سگهن.

1991ع جي پاڻي ٺاهه تي ان جي روح موجب عمل درآمد کي يقيني بڻايو وڃي.

پاڻي جو ساليانو بنيادن تي ليکو ڪيو وڃي ۽ پاڻي جي چوري ۽ بي قاعدگين جي نشاندهي ڪئي وڃي.

پاڻي چوري ڪندڙ صوبي تي ڳرا ڏنڊ وڌا وڃن ۽ انهي مان ٿيندڙ اوڳاڙي متاثر صوبي کي ادا ڪئي وڃي.

پاڻي جي بهتر انتظام ڪاري لاءِ ارسا پاران سنڌوءَ طاس جو رياضي جي طريقن تي ٻڌل ماڊل Indus Basin Mathematical Model جوڙيو وڃي. ماحولياتي تبديلي Climate Change جي اثرن جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي ته جيئن مستقبل لاءِ خاص ڪوشش جي گهرجائو معاملن تي عمل ڪري سگهجي.

موسم جي اڳڪٿي ڪندڙ سرشتي ۾ سڌارا آڻيندي انهي کي وڌيڪ پروسي جوڳو بڻايو وڃي.

سال 2010ع ۾ ايندڙ ٻوڏن جي روشني ۾ موجوده ڊيمن جي انتظام ۽ سار سنڀال بابت هڪ تفصيلي اڀياس ڪرايو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ ٻوڏ جي اثرن ۽ نقصانن کي گهٽ ڪيو ويو وڃي. اهڙي قسم جو هڪ ٻيو اڀياس پڻ شروع ڪرايو وڃي جيڪو تربيلا، منگلا ۽ چشمه ڊيمن سميت مستقبل جي اضافي ڊيمن جهڙوڪ ديامير باشا، مُنڊا، اڪوڙي ۽ ڪالاباغ ڊيمن لاءَ به ڪارائتو هجي.

پاڻي متعلق بين الصوبائي تڪرارن جي تاريخ کي نظر ۾ رکندي، ٻه رخي حڪمت عملي جوڙڻ جي ضرورت آهي. جيئن ته ارسا جي صلاحيت ۾ اضافي سان ڪامورڪي ۽ سياسي بداعتمادين کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي، سول سوسائٽي ۽ ڌرين کي متحرڪ ڪرڻ سان عام ماڻهن ۾ موجود ناڪاري تاثرن کي به ختم ڪري سگهبو. دنيا ۾ اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن جنهن سان مختلف لاڳاپيل ڌرين کي شامل ڪرڻ سان بين الصوبائي ۽ بين الرياستي پاڻي تڪرارن جو نبيرو ڪيو ويو آهي ۽ جتي تڪرار جيتوڻيڪ مڪمل ختم ناهن ٿي سگهيا، ان طريقي سان گهٽ ۾ گهٽ ڌرين جي سخت گير موقفن ۾ نرمي آئي آهي. تحقيق ۽ صحيح انگن اکرن کي بنياد بڻائيندي سمورن صوبن ۽ علائقن جي ڌرين وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جي عمل جي ڀرپور سفارش ڪجي ٿي. انهن ڌرين ۾ هاري، آبادگار، پاڻي ماهر، چونڊيل ۽ حڪومتي نمائندا شامل آهن.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ملڪ ۾ پاڻي جي دستيابي جي کوٽ آهي. صوبن پاران پاڻي جي وٺندڙ گهرج سبب ارسا گهٽو ڪري صوبن ۾ کوٽ جي ورڇ ڪندو آهي ۽ اهو اهڙي صورتحال ۾ انتهائي ڏکيو بنجي ويندو آهي جڏهن وڏا صوبا پنهنجي اقتصادي ترقي لاءِ پاڻي تي پاڙيندا آهن ۽ تنهن ڪري پنهنجي موقف تي بنا ڪنهن لچڪ جي بيهي رهندا آهن. انهي جي باوجود ته پاڻي جي ورڇ ۽ تڪرارن جي نبيري لاءِ پاڻي ٺاهه موجود آهي، صوبا سدائين هڪ ٻئي سان اٽڪيل رهندا آهن، جنهن جو اهو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته جو اهي اهڙو موقف اختيار ڪري ويهندا آهن جيڪو پاڻي جي تڪرارن جي حل جي حوالي سان ورتل سنجيدهه ڪوشش آڏو رنڊڪ بنجي بيهي رهندو آهي. انهي سان ان ڳالهه جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ساڳئي ئي قسم جي حالتن ۾ ڦاٿل ٻين ملڪن ۽ خطن ۾ انهن مسئلن جي حل جي ڪوشش ذريعي ان ڪري ڪنهن نه ڪنهن اطمينان جوڳي نتيجي تي پهتا چاڪاڻ ته انهن کي خبر هئي ته مُنڍ ۽ پوڇڙي وارن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ واري معاملي تي تڪرار ڪي نوان نه آهن.

ڪيترائي مثبت مثال موجود آهن جتي پاڻي جي کوٽ ۽ لاڀ ۾ ڀائيواري ڪان مٿانهون ٿيندي بين الرياستي پاڻي تڪرارن جو اطمينان جوڳو حل ڪڍيو ويو آهي. پر سمورين ڌرين جي ڪامياب ٿيڻ ۽ فائدي واري نتيجي تائين پهچڻ لاءِ روايتي سوچن ۽ پاليسين ۾ هڪ وڏي تبديلي آڻڻي پوندي.

ان ڏس ۾ تڪرارن جي حل لاءِ اهو بالڪل به نٿو چيو وڃي ته ٻين ملڪن ۽ علائقن جي حل ٿيل طريقن کي جيئن جو تيئن اسان وٽ لاڳو ڪرڻ سان گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهبا پر اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي ته ٻين ملڪن جي طريقن جو سنجيدگي سان جائزو وٺڻ سان اسان وٽ به سپني لاءِ ڪاميابيون ماڻي سگهجن ٿيون. صوبن کي تڪرارن جي حل جي ڏس ۾ ڪنهن اهڙي فريم ورڪ تي اجا رضي نه ڪيو ويو آهي چاڪاڻ ته اهڙي قسم جي سوچ جي اجا تائين ڪنهن به

سنجيدگي سان پوئيواري نه ڪئي آهي. اهو هڪ ڏکيو ڪم آهي پر ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اهو هڪ موقعو به فراهم ڪري ٿو ته ڏرين کي ڪنهن گڏيل معاهدي تي بيهارجي پر ان جي حاصلات تڏهن ئي ممڪن بنجي سگهندي جڏهن شفافيت، برابري ۽ خلوص کي سامهون رکندي سنڌوءَ طاس جي پاڻي وسيلن جي گڏيل استعمال ۽ ترقي کي ان جو محور بنايو ويندو.

سنڌ ۽ بلوچستان جو پاڻي تڪرار هڪ فني مسئلو آهي. اڳاتي خريف ۾ سکر بئراج مان نڪرندڙ نارٿ ويسٽ ڪئنال يا کيرٿر ڪئنال جي استعداد يا گنجائش وڌائڻ جي ضرورت آهي. ڪئنال جي گنجائش وڌائڻ يا سکر بئراج تي پاڻ جي سطح کي وڌائڻ سان به ان تڪرار جي حل کي ممڪن بنائي سگهجي ٿو. بلوچستان سمجهي ٿو ته وارهه ڪئنال جي رائيس ڪئنال وٽان منڍ (هيڊ) ۾ تبديلي واري مسئلي سبب لٽجڻ واري عمل ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. ان معاملي کي پهريان تجرباتي طورحل ڪري مستقل طور ضروري درستگي آڻي سگهجي ٿي.

جيسيتائين حب ڊيم وٽان بلوچستان ۽ سنڌ ۾ پاڻي تڪرار جي نبيري جو تعلق آهي، هن ڊيم جي انتظام جي ذميوار واپڊا کان وڌيڪ سمجهڻ جي ضرورت آهي.

چوندا آهن ته ”نيت صاف منزل آسان“. پاڻي جي تڪرارن جي حل ۾ جيڪڏهن نيتون صاف آهن ته انهن جو نبيرو ڪري سگهجي ٿو.

پلڈاٹ

پاکستان انسٹیٹیوٹ آف
لیجسلیٹو ڈویلپمینٹ
اینڈ ٹرانسپیرینسی

ہیڈ آفس: نمبر 7، 9th ایونیو، F-8/1 اسلام آباد، پاکستان
رجسٹرڈ آفس: M-172، ڈیفنس ہاؤسنگ اتھارٹی، لاہور، پاکستان
ٹیلیفون: 111-123-345 (+92-51) فیکس: 226-3078 (+92-51)
E-mail: info@pildt.org; Web: www.pildat.org